# ڪجھ ٻہ نہ

(مختصر ترين ڪھاڻيون)

عزيز قاسماڻي

ڪنول پبليڪيشن قنبر
ڪمپوزنگ : ڪنول گروپس

انٽرنيٽ ايڊيشن عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسو
www.abbaskorejo.com

سُناءُ

مهاڳ امهاڳ
ـ ڪهاڻي منهنجي مٽ ۾ بند آهي!
عزيز قاسماڻي

ڪهاڻيون


ننڍي سفر جي آخري منزل ـــ چوڏهن
ڪاري ـــ سترهن
موڙ ـــ ٻاويهه
اداس گهر جو منظر ـــ پنجويهه
چميءَ جي تاريخ ـــ اٺاويهه
چوٿين جنگِ عظيم جو گوريلو ـــ ٽيهه
سُڪي ٻيڙي ـ ڏکيو سفر ـــ ٻٽيهه
عشق ڪرڻ سولو آهي! ـــ چوٽيهه
لاوارثيءَ جي سيٽ تي هڪ جينئس! ـ ڇٽيهه
وجود جي تلاش ۾ ـــ اٺتيهه
تون تہ سمجهي ويو هوندين! ـــ چاليهه
انڌاري ڌرتي ـ اڀ انڌارو! ـــ ٽيتاليهه
ٻوٽ جو خطاب ـــ چائيتاليهه
ننڊ جي مُنهن تي چمي ـــ انيتاليهه
جيون پلازه ۾ هڪ رات ـــ پنجاهہ
مان وقت آهيان ـــ ٽيونجاهہ
وهاڻو ـــ پنجونجاهہ
ڪچا آنا ـــ ستونجاهہ
پَڳل تالو ـــ اوڻهٺ
سڀ زندهہ آهن! ـــ ايڪهٺ
زندگي ڳَتا ڳَتا! ـــ ٽيهٺ
وئشيائن جا پُٽ ڌهيسر ـــ چوهٺ
اجا تائين ـــ چاهٺ
منهنجي قبر لاءِ پلاٽ ڪٿي آهي ؟ ـــ اٺهٺ
مُنهن ـــ اوڻيهتر
پرهہ مَر ڪٽين پانڌُ ـــ ستر
ماچيس جي تيلي ـــ ايڪهتر
ڳل ڻافين جئان چٻاڙبا ناهن ـــ ٻاهتر
شادي نہ ڪجانءِ ـــ ٽيهتر
امرتا ـــ پنجهتر
ڪُنس ڪُويڄن ـــ چاهتر

مون دري بند ڪري ڇڏي ـــــ ستهتر
اظهار جي سُرڪڻ ڦاهي! ـــــ اٺهتر
مَن ڪان ننهن تائين ـــــ اوڻاسي
هاءِ جيڪ ٽيل ماءُ! ـــــ اسي
هن فون ڇو رکي ڇڏي؟ ـــــ ايڪياسي
ڪجهه بہ نہ ـــــ ٻياسي
عشق ـــــ ٽياسي
ڳري ويل نڪ ـــــ چوراسي
دوست جي پيڻ ـــــ پنجاسي
چيڳم ـــــ ڇهاسي
ڏنل آخري چمي! ـــــ ستاسي
عورت سائنس آهي ـــــ اناسي
جسم دنيا ۾ هلندڙ سڪو ـــــ اوڻانوي
اڃا بادل ـــــ مٿيءَ جا گل ـــــ نوي
مان اڪيون چپن سان پڙهندو آهيان ـــ ايڪيانوي
مٿيءَ جي جنڊ ۾ جوانيءَ جون پڳهارون ـــــ ٽيانوي
سائنس جي سيني تي بندوق جو فائر ـــــ پنجانوي
فيئر بڪُ ـــــ ڇهانوي
پٽ ڪي مون چابي واپس ڪري ڇڏي ـــــ ستانوي
سڙندڙ گوشت جي بوءِ ـــــ اٺانوي
پُٽ ڄمندي پيءُ مري تہ وڃي! ـــــ سئو
ڪلائيميڪس ـــــ سئو هڪ
الرجڪ ـــــ سئو ٻہ
تنهنجي پياس نہ ٻُجهڻي آ ـــــ سئو ٽي
محبوب جو بنگلو ـــــ سئو چار
خواب پالي نہ ٿي سگهان ـــــ سئو پنج
اوهان لاءِ ڳاڙهي ڳتول ڇوڪري ـــــ سئو ڇهه
هڪ ڏينهُن زال جي يار سان ـــــ سئو ست
خلف ـــــ سئو اٺ
جنس ـــــ سئو نوَ
ڪائنات ـــــ سئو ڏهه
ڳُرڳلي ـــــ سئو يارنهن
ناول ـــــ سئو ٻارنهن

◊ ڪجهه بہ نہ
(ڪهاڻيون)
◊ عزيز قاسماڻي
ڇاپو پهريون: مئي 2007ع
ڪمپوزر: ڪنول گروپس قنبر
ڪنول
پبليڪيشن قنبر
Publication Kamber

◊ KUJH BI NA
(stories)
◊ AZIZ QASMANI
FIRST EDITION 2007

With All Rights Reserved
©KANWAL

# ارپنا

هيءُ ڪتاب
انهن جي نالي جن ڪي ڪجهه بہ سمجهيو نہ ٿو وڃي .

عزيز قاسماڻي

اداري پاران:

ڍاڪو سالن کان بہ وڌيڪ نئين ڪهاڻيءَ جي سيٽ تي وينل اسان جو جينئس دوست عزيز قاسماڻيءَ جو پهريون ادبي شناختي ڪارڊ ’ڪجهه بہ نہ‘ انهن سيني نگاهن لاءِ خاص تحفي مثل آهي، جيڪي مختلف اسٽائيل ڊسڻ / پرکڻ جون تمنائي هونديون آهن.
جديد وقت جي حساسيت، نہ گهٽي فلسفي ڪي ساراهي پئي نہ وري اجائي لفظي اينگهہ رڪندڙ تصورن ڪي قبولي پئي. انساني دماغ جي سائنس گهڻ وقت ۾،

وڌ ۾ وڌ بهتر شين جي حاصلات جي حوصلہ افزائي ڪري پئي.
عزيز قاسماڻيءَ جون ڪهاڻيون پڻ ان جديد دور جي حساسيت جون ترجمان آهن.
هُو سنڌي ڪهاڻي لکندڙ ان ست مان آهي جيڪي لفظن کي نيون معنائون پارائي، حقيقتن جي عڪاسي ڪن ٿا. سندس ڪهاڻين جا ڪردار نئين وقت جي تلخ ٻوليءَ جا مالڪ هجڻ سان گڏ پنهنجي اندر ۾ نئين سوچ رکندڙ پڻ آهن. هُن جي اڪثر ڪهاڻين ۾ تجريدي آرٽ جو جلوو نمايان نظر ايندو.
هن وقت تائين جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٿيندڙ فني تجربن مان هن اسٽائيل کي مجتا مليل آهي، جو مختلف ليکارين جي ڪهاڻين جي مجموعن ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ملن ٿيون پر هيئن مڪمل ڪهاڻين جو ڪتاب سنڌي پانڪ لاءِ پڻ نڪور تجربو آهي.
اسان سمجهون ٿا تہ ’ڪجهه ٻه ٽه ۾ ’گهڻو ڪجهه‘ آهي، جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جي فن ۾ فڪرتي نوان بحث ڇيڙڻ سان گڏ، سنڌي پڙهندڙ حلقن لاءِ پڻ نئين حيرت ثابت ٿيندو.

سعيد سومرو

ڪنول پبليڪيشن قنبر
MOB” 0333 7523132

مهاڳ ا مهاڳ

## ڪهاڻي منهنجي مُٺ ۾ بند آهي

’ڪجهه ٻه ٽه‘ ڪڙو سچ آهي. سچ کي قلم بند ڪندي چا نہ پوڳٽو پيو هوندو. سچ پڙهڻ پسند رکندءُ.

- وئشيا جا پٽ ڏهيسر .
- پٽ جي ماءُ کي ڏنل گار .

ـ زال جي يار سان هڪ ڏينهن گڏاريندڙ ماڻهو .

—

ڪهاڻيون لکڻ جي ڪري زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجھ سَنو آهي.

ـ سنڌو مئگزين حيدرآباد (١٢ـ ١٨ آگسٽ ٢٠٠١ع) ۾ ڇپيل ڪهاڻي ’عشق ڪرڻ سولو آهي‘ جڏهن مئگزين هڪ دوست وٽ ڏٺي تہ اهي پيج ڪؤنر سان بند هئا.

پڇيومانس تہ اينءَ ڇو؟

چيائين: تنهنجون ڪهاڻيون گهر ۾ رکڻ جهڙيون ناهن.

ــ تماهي مهراڻ (٤/١٩٩٥ع ) ۾ ’ننڍي سفر جي آخري منزل‘ وارو پرچو جڏهن هڪ ڊاڪٽر، محقق ۽ لسانيت جي ماهر پڙهيو تہ بي اختيار چيائين ـ يار عزيز مهراڻ بہ پنهنجي معيار جو نہ رهيو آهي ڇو تہ توهان کي ڇپڻ شروع ڪيو اٿس.

ـ ’پڳل تالو‘ نئين زندگي (فيبروري ١٩٩٨ع) ۾ ڪهاڻي ڇپي تہ سهي پر پوريءَ سنڌ ۾ اهو پنو ڦاڙي پوءِ بڪ اسٽال تي پهچايو ويو.

—

ڪهاڻي ڇا آهي؟

اڳي وانگر ناهي!

ان کي مختصر ڇو ٿا چئو؟

هن صديءَ جي ۽ پوءِ اُها اينءَ ئي رهندي.

اڳي وڏي هئي؟

ننڍي هاڻ بہ ناهي.

تخليق پنهنجي جوهر ۾ مڪمل آهي

توهان جي نظر ۾ مختصر آهي ـ توهان جي نظر مختصر آهي.

ننڍ وڏائيءَ جو تصور پراڻو آهي؟

پراڻ ڇا آهي؟

ڪائي بہ شيءِ فضول ناهي.

اميرن جي گهر ٻاهرا ن اچلايل فرج جو ڪڪر فضول ضرور آهي، انهن لاءِ ـ ڪڪر کي فنڪار جا هٿ ڇُهن ٿا تہ ان مان ڪعبو جڙي ٿو ـ جنهن کي هر ڏسندڙ جهڪي چمي ٿو.

—

ڪهاڻي جينءَ مون لکي آهي.

سنڌ ۾ اينءَ ڪو بہ ڪو نہ ٿو لکي.

ڪهاڻي منهنجيءَ مُٺ ۾ بند آهي.

۽ مان ڪهاڻيءَ کي صحيح پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان!

ڪاميابي ڪهاڻيءَ جا پير چمي ٿي ـ

اظهار جي سيني وسيلن مان ڪهاڻي مون کي ڀرپور محسوس ٿي.

لکڻ شروع ڪيم.

ڪهاڻي مان آهيان

۽ منهنجي جنم آڪاٽي

١٦ مارچ ١٩٧١ عيسوي

ڳوٺ جمع خان چانديو
تعلقو قبو سعيد خان ۾ ورتو.
هن تائين جي سفر ۾
سنڌي ۾ ايم ـ اي ڪري ورتي اٿم.
سدائين سفر ۾ رهي آهي زندگي.
لکڻ سفر ۾.
پڙهڻ سفر ۾.
ملڻ سفر ۾.
مون کي منهنجو سفر ڏاڍو پيارو آهي.
سڀ ڪجهہ سفر ۾ مليو آهي مون کي ـ
منهنجي ڪهاڻين جو محور عورت آهي.
جيتري نازڪ آهي.
اوتري مضبوط آهي.
جيتري شوخ آهي
اوتري ڪيچلي آهي.
مان هن جو سهارو آهيان،
هوءَ منهنجو سهارو آهي.
جيترا رشتا اٿس.
اوتري ننيڙي آهي.

---

هيءَ صدي هِن ڪهاڻيءَ جي صدي آهي.
ڪهاڻيءَ جي فن تي هر نقاد جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي ـ سيني جي راءِ اختلافي.
سيئي نقاد ڪهاڻي جي فني معاملن ۾ تقليد ڪندا رهيا آهن ـ مختلف حصن ۾ ورهائي ڪهاڻيءَ سان انصاف نہ ڪري سگهيا آهن ـ وضاحتن ڪرڻ ۾ الجهي پيا ـ ۽ هن وقت تائين ڪهاڻيءَ تي اڪيدمڪ ڪم نہ ٿيو آهي.
اڪثر شارح هيٺين مسئلن تي متفق رهيا آهن.
پلاٽ
ڪردار
ڊائلاگ.
منظر نگاري
ٻولي
شروعات
وچ
ڪلائيميڪس
واقعو
وقت ـ زمان مڪان ـ
مٿين سيني جزن کي ملائي ڪهاڻيءَ جيو اٿن ۽ وري هر هڪ کي الڳ حيثيت سان پيش ڪيو ويو آهي ـ اينءَ هجڻ نہ کپندو هو ـ

بنيادي طرح ڪهاڻي ٻن ٽنين تي ٻڌل/ بيٺل آهي.
- واقعو
ڪلائيميڪس -
واقعي ۾ موضوع، پلاٽ،ڪردار، ڪردارنگاري، ماحول، وقت، ڊائلاگ ۽ ٻولي اهي سيئي شيون ٻهرين حصي، واقعي جا جزا آهن -
انهن سيني جو بنياد واقعي جي ڪري پوي ٿي.
واقعو ٿئي ٿو ان کان پوءِ ئي اهي جزا پنهنجي اصل حيثيت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ان مان ثابت آهي ته واقعو ٻهريان آهي ۽ پوءِ وقت، ڪردار، ڊائلاگ، ٻولي، پلاٽ جنم وٺن ٿا. ٻولي ڪردارُ نيچر سان ڪٺي اچي ٿو. باقي اسلوب ليکڪ ان کي بخشي ٿو.
ڪلائيميڪس (Climax) ڪهاڻيءَ جو اساس آهي - فني لوازمات ۾ ڪلائيميڪس ڪهاڻيءَ جو نڪ آهي. ڪهاڻيءَ لاءِ ڪلائيميڪس ايتري اهميت رکي ٿو جيتري ڪنوار کي مليل ڏاج ۾ نڪور ڪانجهي جا ٿانوَ.
ڪلائيميڪس ڪهاڻيءَ جو حُسن آهي - حُسن جي ڳالهه ئي نه ڪيو.
جنهن کي هن وقت مختصر ڪهاڻي چيو وڃي ٿو - مختصر لفظ ڪهاڻيءَ سان منصوب ڪرڻ انصاف ناهي. ڪهاڻيءَ کي طويل ۽ مختصر چوڻ وارو بحث فضول آهي.
اصل ۾ ڪهاڻيءَ جي پيشڪش کي نه سمجهڻ ڪري ئي ان بحث کي اپار مليو آهي.
قاريءَ جي مٿان اهڙيون ڪهاڻيون گذري وڃن ٿيون ۽ ڪهاڻيءَ کي محض جملو سمجهي رد ڪري ٿو - سنڌ ۾ اهڙي ڪهاڻي لکي ته چا ..... هڪ اهڙي ڪهاڻي فيبروري ١٩٩٧ عيسويءَ واري ماهوار ڪينجهر ۾ ڇپي هئي.

عشق

’توکي منهنجو رقص وڻي ٿو؟‘
’او موهن جي نرتڪي،
مان اکيون ڳهر رکي ايندو آهيان.‘

ساڳي ئي عنوان سان اِها ڪهاڻي مون پڙهندڙن لاءِ آسان ڪري ٻيهر لکي آهي.
واقعن کي پنهنجي نظر سان ڏسندو آهيان.
محسوسات، جماليات، احساس، خوشي ۽ غم کي ڀرپور انداز سان پيش ڪرڻ کي اسٽائيل چئجي ٿو.
اسٽائيل اها خوبي آهي - جنهن جي ڪري ليکڪ کي انفرادي حيثيت ملي ٿي.
اسٽائيل وجداني تاثر جو هڪ جداگانا انداز هجي ٿو.
سنڌ ۾ هن اسٽائيل سان ڪهاڻيءَ کي پيش ڪرڻ وارو مان اڪيلو ڪهاڻيڪار آهيان ۽ مون کي وڏي خوشي ٿئي ٿي.
ڪهاڻي مري وئي آهي.
ڪهاڻيءَ کي گولي لڳي وئي آهي.
ڪائنات جڙڻ کان وٺي ڪائنات جي رهڻ تائين، ڪهاڻي نه ٿي مري سگهي. ڪهاڻي پنهنجي وت ۾ ايتري ته مضبوط آهي جو ان کي ڪوئي گولي لڳائي نه ٿو سگهي -

هزارين واقعا هڪ پل ۾ ٿين ٿا ـ ليکڪ جي اک انهن کي ڏسي ٿي ۽ ان جو قلم ان کي ڪٽندو آهي ـ ليکڪ سيني واقعن کي پيش ڪرڻ ۾ پاڻ موڪي نہ ٿو سگھي ـ ڪهاڻي قدم قدم تي انتظار ڪري رهي آهي ۽ مان لکندو رهان ٿو. ڪهاڻي کي هر دؤر ۾ پختا ليکاري نہ مليا آهن.

هي اُهي ڪهاڻيڪار آهن جن پنهنجو اسلوب اپنايو ۽ ڪهاڻيون ڏنيون.

هر دؤر جو ڪهاڻيڪار فرانز ڪا فڪا ٣ جولاءِ ١٨٨٣ عيسوي ۾ 'پراگ' خطي مان اپريو ۽ ڪهاڻيءَ جي ديس تي ڇانئجي ويو ـ ڪهاڻيءَ سان گڏ هن جي جهول ۾ ڪوڙ مايون اچي پيون ـ هن اکين تي رکيون.

ڪا فڪا تي ڪا فڪا نالو ماءُ پنهنجي پيءُ جي ڪري رکيس.

جوانيءَ ۾ لکڻ جي شروعات ڪندڙ ڪا فڪا مختلف نالن سان خط ۽ ڊائريون بہ لکندو رهيو ـ اهي ڪهاڻيون جن کي توهان مختصر ترين چئو ٿا، انهيءَ ڪهاڻي پڙهندڙ تي سڌو وارُ ڪيو آهي ـ

ـ واديءَ مقدس لبنان جو مصور، ڪهاڻيڪار، خليل جبران ٦ جنوري ١٨٨٣ عيسوي ڳوٺ بشاريءَ ۾ ڄائو ـ عيسائي جي گھر ۾ جنم وٺندڙ مسلمان ٿي ويو ـ عربي، انگريزي، فرانسيسي روانيءَ سان ڳالهائيندڙ ـ گھڻو وقت سفر ۾ گذاريو ـ جنهن جو لاش بہ سفر ڪندي ڪندي پنهنجي ڳوٺ ۾ گھٽي دير ڪان پوءِ ـ پر هڪ مهان ڪويءَ کي ڌرتيءَ ڏٺي فخر سان ياد ڪن ٿا.

جبران ١٠ اپريل ١٩٣١ عيسوي تي هن دنيا کي ڇڏيو ۽ ٢٣ جولاءِ تي تابوت لبنان پهچائڻ لاءِ پاڻيءَ واري جهاز ۾ ڪنيو ويو ـ ٢١ آگسٽ تي ميت لبنان پهچي وئي ۽ ٢٣ آگسٽ تي مقدس، صنوبرن جي ڇانوَ ۾ دفن ڪيو ويو.

ـ اردو زبان جو ڪيچلو ۽ پيارو ڪهاڻيڪار سعادت حسن منٽو ـ مختصر ڪهاڻي جي ڪتاب 'سياه حاشيہ' ڏنو ـ

'مين تهذيب و تمدن کي اور سوسائٽي کي چولي ڪيا اُتارون گا، جو هئہ هي ننگي ـ مين اُسي ڪپڑا پهناني کي ڪوشش ڀي نهين ڪرتا ڪہ يہ ميرا ڪام نهين درزيون ڪا هي ....

جڳ مشهور منٽو ـ

جنهن کي ڪوئي بہ نہ سڃاڻي؟!؟!

هن وقت تائين ان جي ڪتابن تي ڪو بہ ڪم يا اردو وارن تي خاصو اثر نہ ڇڏيو اٿس ـ سمجهي نہ سگھيا اٿس!!

اهڙيون ڪهاڻيون جي تمام ننڍڙيون سڃاپڻ ٿيون.

ـ اهڙي طرح اردوءَ ۾ 'حرفون کي ناسور' ڊي ـ ايچ ـ شاهہ پنهنجي اسٽائيل جو هڪ ڪهاڻي ـ ڪتاب ڏنو آهي.

ـ پراڻ ڪان هتي ڪري جن ليکڪن ڪم ڪيو آهي ـ انهن ۾ علي بابا ـ ماڻڪ آهن ۽ انهن روايتن کي توڙي ڪهاڻي پيش ڪئي.

ان ڪان پوءِ جن لکڻ شروع ڪيو ـ اخلاق انصاري ـ اخلاق جوڪيو ـ اسحاق انصاري ـ منظور ڪوهيار ـ انور ڪليم ـ مشتاق پرڳڙي ـ عبدالستار هليو ـ

ـ

ٻن حسينائن جا چپ منهنجي ڳلڙن تي آهن ۽ منهنجا چپ ـ

علي مصطفيٰ ـ حسن مجتبيٰ ـ ڏيءُ تسليم کي چمندا آهن ـ
ماءُ کي ڪير وساري سگهي ٿو.
منهنجي محبت ۽ ڪاوڙ کي هميشہ منهنجن امڙين پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏني آهي. مان احسانمند آهيان ـ
پيءُ جو نالو ئي نہ ٿو وٺان .
هُو منهنجو پيءُ ناهي.
جڏهن قنبر ۾ رهندا هئاسين.تڏهن مون هڪ وائي چئي هئي.
يتائي ڳوليندي پنهنجي ئي گهر ۾
گم ٿي ويو آهيان ـ

هُو صرف منهنجو پيءُ ناهي،
سرمد چانديو منهنجو مرشد آهي.
ـ جن منهنجي ڪتاب آڻڻ ۾ اڳرائي ڪئي آهي. انهن ۾
عبدالستار هليو ـ پنهل ميمڻ ـ سعيد سومرو ـ
فقير محمد سنڌي ـ ڪرم ڪلهوڙو ـ غلام سرور ميمڻ
يائر ـ راحب حسين ـ منصور احمد ـ مقبول احمد ـ
جن جا الاهي احسان آهن مون تي.
۽ هميشہ ياد هجڻ وارا آهن.

---

وقت وڏو عادل آهي.
۽ وقت ڪنهن کي نہ بخشيندو آهي.
مان وقت آهيان.
جن وقت سان عناد رکيو آهي.
وقت انهن کي لتاڙيون ويندو آهي.

عزيز قاسماڻي
جامع مسجد ـ ميراڻي محلو
١٦ ـ ٠٣ ـ ٢٠٠٧ عيسوي
لاڙڪاڻو

# ڪهاڻيون

## ڪجهہ نہ

’اڄُ ته راند ڪيون، گُڏي گِڏيءَ جي.‘
’نهِ مان نه ڪندسِ!‘
معصوميت مان.
’ادِي! ڇو؟‘
’تون ان گُڏي جي شاديءَ جو ضد ڪندين آهين، جنهن ڪي ڪجهه ﮐ نه آهي!‘

## هن فون ڇو رکي ڇڏي؟

ڳوٺان ٽڪو ٽُٽو آيم .... منجهند جي ماني ڪائي سمهي پيس ....
تقريبن ڇهين وڳي منهنجي ننڍڙي ڌيءُ، جنهن تي بابا جو پيار ـ پريو نانءُ ڊوڊي آهي .... بابا واري ڊڪشنريءَ مطابق.
ڊيڊي: پيءُ
ڊوڊي: ماءُ
ڊوڊيءَ ننڊ مان اٿاريندي چيو: ’بابا فون.‘
اکين کي مهٽيندي مهٽيندي ..... جڏهن ٽن ڪمرن کي لتاڙي ٽوٽين ڪمري ۾ پهچندي .... ننڍي ياءُ ڪان پڇيم: ’ڪنهن جي فون آهي؟‘
چيائين: ’خبر ناهي!‘
چيومانس: ’توکي ڪِينءَ خبر پئي ته منهنجي فون آهي؟‘
چيائين: ’رسيور کنيم ته پڇيائون” قاسماڻي“ آهي!؟‘
پنهنجي گهر ۾ آنءُ ئي قاسماڻي آهيان ..... ٻيا سڀ جو سڀ ڇانديا آهن.
انتظار ۾ رکيل رسيور کڻندي پڇيم: ’ڪير؟‘
ورندي آئي: ’ضمير آهيان.‘
چيم: ’حڪم ڪريو؟‘
چيائين: ’تون ننڊ آهين يا جاڳين تو؟‘
مون جواب ڏيڻ پئي چاهيو پر هُن فون رکي ڇڏي.

# عشق

درَ ڪلڻ سان بنئسريءَ جھڙو سريلڙو آواز ڪيو
۽ هوءَ ڪافيءَ جا ٻہ ٺولها ڪڻي آئي.
هڪڙو ٺولهو منهنجي اڳيان ٽيبل تي رکي، پاڻ سامنهن ٿي ويني.
اٿاهہ مانار ڪان پوءِ.
+ ڪافي وٺو.
- جي.
+ توڪي منهنجو رقص وڻي ٿو؟
- اي موهن دڙي جي نرتڪي،
مان اڪيون گھر رکي ايندو آهيان.

# ٻري ويل نڪ

ڪارج؟
رڙيون.
ساهہ نپوڙيندڙ احساس.
لڙڪ.
تلخ ڪلامي.
گھر جي ننڍڙيءَ ڪائنات ۾ بن حياتن جي.
’تون منهنجي ساهيڙيءَ سان .....‘
’ڪڏهن!؟‘
’تنائڻ چڏي ڏي .....
مردن کي پِٺ هوندي آهي: مائٽياڻيءَ، پاڙي واريءَ ۽ سفر ۾ ڪا عورت ....‘

چپ.
’زوري ڪرڻ ڪيڏي سولي لڳندي اٿوَ، من پسند عياشي ڪندي، انڌا ٿي پوندا آهيو.
جنسي دهشتگردي ڪرڻ ڪان پوءِ آئيني ۾ مُنهن ڏسندا آهيو تہ ڪيڏو نہ بيداغ هوندو اٿوَ ......
حَسين، نوجوان تہ تنهنجي پيڻ بہ آهي!؟‘
’چپ نہ ٿي ڪرين .....‘
هُو اُٿيو.
ٽيبل تان ٽشو پيپر ڪٽي، منهن اگهندي محسوس ڪيائين تہ ٽشو پيپر سان گڏ نڪ بہ ڳري ويو آهي.

# چيگم

اسٽيشن روڊ ورتيون شهر ڏانهن پيا اچون تہ منهنجي دوست پڇيو:’مُئگزين ۾ لفظ هيو وِجائنا ... ان جي معنيٰ ڇا آهي؟‘
’اهو هڪ اعليٰ قسم جو چيگم آهي.‘
منهنجو دوست رفيق ڪٽمنڙن، ٽافين ۽ چيگمن جو دشمن آهي؛ مان سمجهان ٿو تہ هُو اسلام آباد تائين چيگم ونڻ ويندو هوندو.
رفيق حيرت مان پڇيو:’نئون چيگم آهي؟‘
’نہ، اهو پراڻو چيگم آهي.‘
’مون ڪڏهن بہ نہ کاڌو آهي.‘
’خبر اٿئي! هُن جي ڪائڻ سان ڇا ٿيندو آهي!؟‘
عبرت ڪائيندي پڇيائين:’ڇا ٿيندو آهي؟‘
’ڪائڻ وارو صفا ڪارو ٿي ويندو آهي.‘
’اهو چيگم مان نہ ڪائيندس.‘
’چو؟‘
’مان اهو چيگم نہ ڪائيندس؛ رڳو ڪپڙا ميرا ٿيندا آهن تہ  بہ بابا مون کي ماريندو آهي!‘

## دوست جي پيڻ

محسوسات.
خوف ئي خوف.
انسان پيدائش کان وحشي آهي، هُن جو نظريو چوي ٿو: هن دنيا جا ماڻهو ماريا وڃن ٿا: مئو ڪير بہ نہ آهي!؟
ماري: انسان ـــ خدا.
موت. داخلي ۽ خارجي ٿيندو آهي ....
ديوارن جا پاڇا لڏن ٿا، آسمان اکيون بند ڪري ٿو، ڌرتي رنگ وڃائي ويهي ٿي!
درديلو آواز: ’گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي ڳاڙها گل .... ڪارن ڪپڙن ۾ ويڙهيل!‘
گاريون سماجي قانون ڪي!
ماڻهو ڪيڏو مجبور آ، ڏن لاءِ ناچ ڪري ٿو ننگي تن ...!
درديلو آواز:’توهان چاهيندا آهيو تہ در ڪڙڪائڻ تي هوءَ در کولي: دوست جي پيڻ ....
رومانس تہ ڪيو آهي! پر مرشدن بہ گهٽ نہ ڪيو آهي مريدياڻين سان ..... رشتا ناتا بہ ڪجھ ٿيندا آهن، تقدس بہ ٿيندو آهي ....... اُتِ غيرت ڪراس تي وڃي ٿي؟؟‘
عڪس: ماڻهوءَ جي من کي ننگو ڪري بيهاريندا آهن، ڪي ڪي انگ اوڊر ۾ بہ ڏسي وٺبا آهن.
شڪار، اکين جي سامهون ايندڙ ماڻهو!
مٿين پنبڻين هيٺين سان ياڪر پاتو ۽ ذهن ويران ٿي ويو.
درديلو آواز:’عورت جا احساس، تڙپ، ڦٿڪ، ڪيڪون ۽ رڙيون ..... مرد حساس هوندي بہ بي رحم، ٻارن لاءِ برابري نہ اتس ....ڌيءُ جُئا ۾ هارائي ڇڏي يا سٺ سال جي پوڙهي کي وڪڻي ڏي، سندس مرضي .... پرواهہ نہ ....
پُٽ کي تہ وارث سمجهي ٿو، پُٽ کي بخشش بہ ڪري ٿو.
زندگيءَ ۾ مناڻ،ڪڙاڻ!!
پٽ کي ٻي عورت سان ڏسي ڇڏي ڏي ٿو ۽ ڌيءُ کي نہ ......‘

## ڏنل آخري چمي!

هڪ ڇوڪري آهي.
ان جو نالو نہ ٿو ڪڍان ....
جنهن ڏينهن هُن جي جمال جي وضاحت ٿي، سمجهو تنهن ڏينهن کان حُسن مري ويندو ....
حُسن جو نالو ئي نہ ٿو وٺان ....
هيءَ ڇوري الائي ڪهڙي مٽيءَ جي آهي،
بلور اکين واري ....
گوري رنگ جي.
هُن جي ڪُنڊڪ شاهين جو پڪو ڪارتوس.
هي جيڪي نہ دادلا ڪالمسٽ، اديب، شاعر آهن،
ڪيڏا نہ پيارا ۽ سهڻا آهن ....
پنهنجي حلقي ۾ پاڻ کي شهباز ٿا سمجهن.
مان ويل چيئر تي آهيان پوءِ بہ منهنجي آڏو ڪجھ بہ ناهن،
جو تہ شهباز مادي آهي.
مان ليکڪ آهيان.
مون ئي اينءَ محسوس ڪيو آهي، اهڙو احساس ٻئي ڪنهن بہ ليکڪ جي شعور، لاشعور جي گودڙيءَ مان ليئو نہ پاتو آهي ....
تخليق.
تخليق تہ هڪ وقت مذڪر بہ آهي تہ مونث بہ ....
الائي ڇو خوف ٿو ٿئي ....
تہ منهنجو موت غير فطري ٿيندو.
مران نہ مران ....
جيڪي اڏ ۾ رهيل تخليقون آهن، اُهي مڪمل ٿينديون؟
مون کي خبر آهي تہ
منهنجي جسم جي سيني گهرڙن cells هڪ يونين ناهي ورتي آهي.
سياڻي ڪان هُو بک هڙتال تي ويهندا.

## عورت سائنس آهي.

سينيما واري اندرين گهٽيءَ سان هلندي مون پنهنجي ادبي استاد کان پڇيو:
’مذهب ۽ سائنس ۾ تضاد ڇو آهي؟‘
هن پهرين سَٽ ۾ گار سان نبات ملائيندي چيو: ’سائنس جو نالو ’ڄاڻ‘ آهي؛ معنيٰ عقل ۽ مذهب معنيٰ عقيدو؛ مذهب به پنهنجي دؤر جي سائنس آهي ـــ جتي عقل ڪَٽ يا ونڊ نه ٿو ڪري سگهي، سمجهو ته ان ڪنڊ ۾ مذهب رهي ٿو ــ تون ٻڌاءِ تضاد آهي؟‘
مان چپ.
اهو جملي جو پڇاڙڪو حصو ٻڌڻ سان منهنجي عقل مان رهندو سهندو سمجهه وارو حصو ڇلان ولان ٿي ويو.
وري پڇيومانس: ’شاعري ڇا آهي؟‘
ڪلندي چوڻ لڳو: ’مالڪ جڏهن مليو ته مان تنهنجي لاءِ ذات وٺي ايندس.‘
’ڇا مان ذات کان محروم آهيان؟‘
’تون ذات جي معاملي ۾ لاولد آهين.‘
لب مهراڻ تان چانهه پي اٿياسين ـ ڳچ پنڌ کان پوءِ مون وري پڇيومانس:
’عورت ڇا آهي؟‘
’عقل جا انڌا ــ عورت ته خالق جو ڪُليات آهي ۽ مرد ڪليات جو بيڪ ٽائيٽل ـــ مرد ۽ عورت ٻه الڳ الڳ جنسون آهن ـــ اينءَ سمجهه ته عورت سائنس آهي ۽ مرد مذهب.

## جسم دنيا ۾ هلندڙ سڪو

ٽريننگ ڪاليج.
ڪلاس.
منهنجي گروپ جي هڪ حسينا!
ڪرسي ڪٽي پرسان اچي ويٺي.

ڪجھ وقت ڪان پوءِ.
پاڻ ڏانھن ڏيان ڏيارڻ لاءِ.
ھٿ اھڙيءَ طرح منھنجي گوڏي تي رکيائين.
سِئاندريون ــ
پڇيومانس: شادي شدھ؟
نہ .
ڪنواري آھين؟
نہ .
ڪنوارپ رھي ڪونھي؟
ھر دؤر ۾ ـ
پوريءَ دنيا منجھ
بھتر منافعي وارو وھنوار سيڪس/ جسم آھي؟

## چميءَ جي تاريخ

طلاق ــ
ھھڙي مڙس ڪان طلاق ونڻ گھرجي ـــ نٿ ڪي چا ڪبو ـــ وقت ڏي ئي ڪو نہ تو ــ رگو فون تي بہ ٿھڪڙا ڏئي، نوڪر ڪي موڪلي منجھند جي ماني تو گھرائي.
شام جو اچي ئي نہ ــ
رات جو ماني ڪائي سمھي تو پئي.
صبح سان ڪپڙا پائي ھليو تو وڃي.
پيسا تو ميڙي ـ پيسن ڪي چا ڪبو ـ ڪھڙي ڪم جا ـ باھ ڏجي .... ماڻھوءَ ڪي ماڻھپي مان ڪڍي ڇڏيو تسِ.
مايا ماڻھوءَ جي وٿ ناھي!

پڌري ــ

ھُن جي ڏنل وقت ڪان بہ ڏينھن اڳ فون ڪري چيائينس: اڄ اچي وڃ، توڪي ڪجھ چوڻو آھي.
ھو آيو.
چيائينس : منھنجو پٽ اٽر پڙھي تو!
ھُو : ڪو مسئلو ٿيو آھي چا؟

چيائينس : نہ.

هُو : باقي؟

چيائينس: ڪٿي منهنجي پٽ ۽ ڌيءُ کي اها جُوڻ نہ پئجي وڃي تہ تون منهنجو چاهيندڙ آهين!، تنهن ڪري مان اڄ اها ڳالهہ توسان پڌري ڪرڻ ٿي چاهيان .... تہ هاڻ نہ ملندو ڪر ۽ فون بہ ....!

هُو : مون تہ توکي بہ محسوس ڪرڻ نہ ڏنو آهي.

چيائينس: ٻار وڏا ٿي ويا آهن ـــ هُنن کي ڪوئي .... چوي .... مان تہ ماءُ آهيان ـ پليز ....!

هُو: سترهن سالن ۾ صرف چار ڀيرا ملاقات ٿي آهي ۽ هڪ ڀيرو فون ڪئي اٿم ـــ وڏيڪ تنهنجي مرضي.

چيائينس: پليز، اڄ کان .....

چمي ـــ

اڪيلي گهر ۾ ـــ روئي پئي ـــ ڳر واري مائي.

هُن جي ياد واري ڪرسيءَ کي ڀي پاسي اچلايائين.

پوءِ بہ هُن جي ياد .... ڪيل گفتگو.

پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿي.

ٻڌائينس چو نٿي؟

هُن جا مون تي احسان آهن.

جا ٻڌايان ـــ نہ تو وسري.

مان ئي وڏي عذاب ۾ آهيان.

نہ چوانس ها!

مون کان وڏي غلطي ٿي آهي.

هن جا وڏا وڙ .

وڏي ٿانو وارو آهي.

بس وڏي غلطي ٿي آهي.

روئڻهارڪي ٿيندي:

مون کي پتو ئي نہ هو ـــ ڏاڍو وڻندو هو ـ

هُن هڪ ڀيري مون کان چمي ورتي ....

ان چميءَ کان پوءِ محسوس ٿيو تہ مان هاڻ وڏي ٿي وئي آهيان.

چمي ترياق هئي ـ

جنهن مون کي عورت هجڻ جو احساس ڏياريو.

ـ اهو ڏينهن نہ ٿو وسري.

اها چمي نہ ٿي وسري.

## اڇا بادل ـــــ مٽيءَ جا گل

’ڪلهہ بہ نہ !؟‘
ٻک ۾ ساٽو .... ٽڪل پيرن سان هلي پيو.
اکيون ڳولها ۾ !!
پيٽ تنور وانگر ڏوَ ڪان خالي.
’اڄ بہ نہ !!‘
ڌاڙيو:
ٻچي ويو.
’هاٽي مري ويندس!
جا موت انتقام آهي؟
۽ سياٽو ..... سياٽو نہ هوندو .....!‘
قاتل ڪپڙا ..... پير اگهاڙا رڙهندو وڃي پيو.
ننگي ڌرتيءَ تي.
اڇن بادلن جي ڏاڙهي،
ڦاڪ ڦاڪ چپ.
ڏار ڏار زبان.
سخت لفظن جي الٽي پيو ڪري!
هٿن ۾ مٽيءَ جا گل .....
هٽي پيو ....
تہ عينڪ اکين تان لهي ويس.

## سائنس جي سيني تي بندوق جو فائر

’نانا جاني!‘
’جيءُ‘
’نانا! اڄ سائنيءَ ڪلاس ۾ ڳالهہ پئي ڪئي تہ ڌرتي ڦري ٿي.‘
’پٽ! ٺونِ گرهن مان هڪ گرهہ ڌرتي آهي، ٻي ڳالهہ تہ ڌرتي گول آهي ۽ مسلسل ڦري ٿي.‘
’نانا جاني! سچي ڌرتي ڦري ٿي؟‘
’ها‘
’نانا! جي ڌرتي ڦري ٿي تہ اسان جو گهر ڪراچي ڪڏهن پهچندو؟‘

ڏھٽي ناني جي ڇاتيءَ تي معصوميت واري بندوق جو فائر ڪيو ۽ نانو ڪو بہ جواب نہ ڏئي سگھيو.

## مٽيءَ جي جنڊ ۾ جوانيءَ جون پگھارون

ٻالڪي.
نيرن اکين واري سُويتا.
پسند!
پيش جي ٽيڻي.
گڏيون،
مٽيءَ جو جنڊ.

سويتا: امان! انڪل، آنٽيءَ ڪي چو تو دڙڪا ڏي؟
ماءُ ڪلندي چيس: ھومر ورڪ ڪيو نہ اٿس!
ماءُ وِري ڏيندي جُونءَ سان گڏ گھر جي ڳالھ ڪي مارينديي پڇيس تي: ٻڌو اٿم مس فھميده جي بدلي تي آھي؟
امي! فھميده مس ناھي!
چو؟
شادي جو ڪئي اٿس.
باقي چا آھي؟
آپا.

فون جي بيل
رسيور جي چپن تي چپ.
سويتا آھي؟
جي آھي.

ڏسيوسِ.
مڙس رسيور مٿان هٿ رکي چيس: تنهنجي فون آهي.
سويتا: هلو ڪير؟
طاهره.
اڙي ڪيئنءَ آن؟
خوش آهيان.
سويتا جي منهن مان مرڪ اٿلي پئي.
سويتا؟
جي.
طاهره مرڪندي چيس: اڙي پيسا نہ موڪليا تئي!؟
ٻڌ، هن پگهار تي ڏيندي مانءِ.
جوانيءَ جي پگهارن مان تہ نہ ڏنئہ.
پليز هاڻ ڏيندي مانءِ.

( پنهنجو پاڻ )
جواني ابهرو ڳيرو داڻو داڻو ڪري چڳي ويو، قرض ڪٽي بہ ٻار پالياسون پر جڏهن خوشبوءِ ڏيڻ لڳا تہ ...... پاڪرن ۾ پرجي ويا.

## فيئر بڪُ

| | |
|---|---|
| نالو: | باشو |
| ڪلاس: | پاڳ |
| سبجيڪٽ: | ڊارو وجهڻ |
| اسڪول: | پريم |
| ايڊريس: | محلو خودڪشي، جيون پلازه ـــ لاڙڪاڻو. |

# پٽ ڪي مون چابي واپس ڪري ڇڏي

’هُن منهنجي بيعزتي ڪئي تي.‘
پڇيو مانس: ’ڪنهن؟‘
اڪيون پرجي آيس.
جواب ڏيندي بہ نہ ڏئي سگهيو.

[ 2 ]

بہ سال اڳ مليا هاسي.
وري اڄ مليا آهيون.

[ 3 ]

وري نہ ملندو.

[ 4 ]

هڪ پيري بڌايو هئائين.
رات واري مانيءَ تي.
’بابا دڪان جي چابي ڪنهن کي ڏني اٿوَ؟‘
’هُو منهنجو دوست آهي نہ، عامر ان کي .... سياڻي تائين سامان شفٽ ڪري ويندو .....
ڏاڍو غريب دوست آهي. پُٽ ان جي پارٽ هجئي.‘
’بابا مون بہ هفتا ٿيندا، هڪ دوست سان واعدو ڪيو هو دڪان جو.‘
’پٽ مون کي تہ خبر ڪو نہ هئي، ٻيو دڪان خالي ٿيندو اهو ڏجانس.‘
’نہ بابا .... چابي صبح سان وني ڏجو ، نہ تہ منهنجي دوستن ۾ بيعزتي ٿيندي.‘

## سڙندڙ گوشت جي بوءِ

المدينہ ڪوچ.
ڪميشن لاءِ ڪراچي پنڌ ـ
ٻاهرين پاسي ڪان.

سنڌڙيءَ جي شھرن ۽ ڳوٺڙن جي منظرن جي ياڪرن ۾ غفار –
ہ چار ڪتاب منھنجي جھولڙيءَ ۾.
پرسان وارن ڪان بي نياز.
رکي رکي منھنجي اک ہ جھوپڙين ڪي چُمي ڏئي وني تي.
سيوھڻ ڪان پريان.
ياڻ ڪان پري ھليو ويو غفار.
پڇيائين: ڪيڏو نہ ساءُ تو اچي، ڪيڏا نہ يلا آھن واھڻي؟
ڳوٺ چڏي ھاڻ شھر ۾ رھان تو.
ڳوٺن جي پيٽ جون ڳالھيون چاڻندي ہ !
چپ رھيس.
رھيو نہ تيس وري پڇي تو: ؟
چيومانس: ڏسين تو نہ، ڪيڏا نہ سھڻا ڳوٺ آھن!
ڏکھا بيد مشڪن جا ڳاتا ... ڪتي ڪرڙن ۽ ڪندين جي سنھن تارين تي ڳيرا، چيھا، ڪبريون، ھيڙھا ويھن تا .... اُڏن تا .....
ٻُوئن جي لڳ مان وھاڻا پربا آھن —
جھوپيون، چنيون ..... ہ ماڙ تي اجرڪ، نيرو رئو، واڱڻائي جوڙو، ٽُڪ جون رليون، چادرون، رلڪا سُڪڻي وڌل آھن.
جوانڙين جا ٽڏا ساھ.
سي ڪجھہ ھوندي ہ ....
انھن گھرن ۾ ماڻھو رھن تا، تون ڏسي خوش تو تين.
پر انھن ماڻھن  جو ساھ ٻوساٽجي تو ....اتي رھندي ہ ھُو جلن تا ھک ٻي تي.
توکي ڪھڙي خبر ....
اُھي سيارن ۾.اونھارن ۾.
پنھنجن ئي. نغارن ۾
جلن تا.
سڙن تا.
انھن حسين جھوپڙن ۾ رھندڙ ماڻھو سڙي رھيا آھن.
۽ انھن جي سڙندڙ گوشت جي ٻُونءِ تي اچي ....!!

## مان وقت آھيان

منھنجو ياءُ آ ..... مان سجاڻانس تو.
اِھا ھُو پنھنجي ڳالھ نہ تو ڪري –

اهو هُن کي ياجائيءَ چيو آهي.
هُن کي ايترو عقل ڪونهي.
شاديءَ کي ٽي چار سال ٿيا اٿس.
اها ڳالهه هِي گھڻو اڳ ڪري ها تہ مڃان هان ـ
زال ئي چيو اٿس تہ ٻارُ کي ڇڏ تہ ڏلائيءَ جي مشين وٺي ڏي.

توهان ڇا ٿا سمجهو تہ ماڻهو آخرڪار گهرن کي دروازو ڇو ٿا لڳائن.
در ان لاءِ آهي تہ ماڻهو فضليت سان اندر وڃي.
مون تہ ڪڏهن دروازي کي تالو نہ هنيو آهي.
تالو هڻجي بہ ڇو؟
تالو هڻڻ معنيٰ ـــ
ماڻهو هڪ ٻئي کي ڦرڻ ٿا گهرن.
ماڻهو تہ هر دؤر ۾ ڦريو آهي.
پر عاقل کي هن وقت تائين ڪو بہ ڦري نہ سگهيو آهي؟
گهڻ عقل وارا ئي ڦريا ويا آهن.
ڦرجڻ جي تجربي کان پوءِ بہ ماڻهوءَ ۾ تبديلي نہ اچي تہ اهو پنهنجي گهر کي پيلي تالو هڻي ـ
مان تہ چوان ٿو ـــ اهو پنهنجي گهر کي دروازو ئي نہ وجهي، ڏاڪڻ رکي پٽ ٽپي ۽ ڏاڪڻ کي هيٺ رکي ڇڏي.

قلم وڏو هٿيار آهي.
اهو ڪوڙ آهي.
هتان جو سياستدان تہ اڳث ـ وجهڻيءَ طور استعمال ڪري ٿو.
هُو رڳو اکين کان ڏسڻ جو ڪم وٺندو آهي.
۽ مان اکين کي هٿيار طور ڪتب آڻيندو آهيان.
اهو ئي فرق آهي:
وقت وقت جي ڳالهه آهي.

مان وقت آهيان.
۽ هُو چپ آهي.
مان گلاس ۾ بهشتي جام پيئندو آهيان.
۽ هُن هڪ پيرو زال کي گلاس هنيو ۽ هوءَ اسپتال وڃي پهتي.

هن معاشري ۾ ڇا نٿو هلي.
سڀ ڪجهہ ٿو هلي.
بداخلاقيءَ جو سماجي ڪارج؟
آهي؟!
سماج اسڪول آف ٿاٽ آهي.
۽ عورت بہ اسڪول آف ٿاٽ آهي.
جنهن عورت کي نہ پڙهيو آهي، ڇڻ ان ڪجهہ بہ نہ پڙهيو آهي.

هن وقت گهٽي ڪان گهٽو عورت کي ئي پڙهيو ٿو وڃي.
اڻ پڙهيا تہ ڪيس گهٽو تا پڙهن.
دوزخ ۾ عورت کي پڙهيو ويندو؟
دوزخ جو وجود ئي عورت جي ڪري آهي؟
خبر ناهي!
عورت کان پوءِ ڪنهن کي پڙهيو ويندو؟

مون کي خوف ٿيندو آهي.
وڏي ويڌن آهي ـ مون سان.
پاڻ جي خوش آهيون تہ 'ڏک' کي اڪيلائيءَ جو احساس ٿو ماري.
جيڪڏهن ڪوئي ـ
منهنجي طبيعت جي خلاف ڳالهہ ڪندو آهي تہ سڄي بدن تي ڪِوليون چُرندي محسوس ڪندو آهيان ـ ڪِوليون ڇا جڻ مارشل لا لڳي ويندو آهي.

## پُٽ ڄمندي پيءُ مري ٿو وڃي!

عيد جي صبح تي،
زال پڇيس تي: 'تو پنهنجي لاءِ ڪپڙا ناهن ورتا ڇا؟'
'هاڻي خواهشون رهيون ئي ناهن.'

ھوءَ ڪجھ بہ نہ ڪچي.
ءِ مون دل ۾ چيو : پٽ جي خوشي پنھنجي جاءِ تي پر مان تہ مري ويو آھيان.

## ڪلائيميڪس

پاڙي جو ننڍڙو دڪاندار.
سپنا ساپيا تيندي نظر اچنس تا.
پٽ اسڪول ۾ پڙھيسِ تو.
ٻيا گھر ياتي تڏي چانوَ ۾.

ھڪ ڏينھن ڳوٺ وڃي تو.
دوست مليس تو ڳوٺ واري سڙڪ تي.
خوش پڙائيءَ ڪان پوءِ: ’اڳي ڪان سڪيو آھين؟‘
’بس يار ڪڙمت ۾ سيئي لوڙيندا ھاسي، ھاڻي مان ھڪڙو ئي دڪان تو ھلايان.‘
’افسوس آ.‘
’چو؟‘
بيزاريءَ مان: ’تو جھڙو غيرتي ماڻھو بہ شھر لڏي ويو آھي!‘

## تنهنجي پياس نہ بُجهڻي آ

مون سمجهيو تہ عمر پر مون سان گڏ رهندي.
خوش گهراڻي جي ڇوڪري .... عمر ارڙهن سال.
هزارين شوق پر اوليت تعليم کي.
جڏهن منهنجا ليڪچر ٻڌائين،
تہ شادي ڪيائين.
هوءَ ذهين ماڻهن کي پسند رکندي آهي.
۽ هڪ ڏينهن هن ٻي ماڻهوءَ سان ڪورٽ مئريج ڪري ڇڏي.

## محبوب جو بنگلو

ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن جي صحيءَ لاءِ
رڪيل رجسٽر ڏٺم.

ڳاڻيٽو ــ	پھريون
نالو ــــ	ايشور
سجاڻپ ــــ	ماڻھو
صحي ــ	ايشور
ايڊريس ــ	ڳلي نمبر پنج
محبوب جو بنگلو
لاڙڪاڻو

## الرجڪ

منھنجو پٽ، جنھن تي مون سميت سيئي گھر ـ ڀاتين جي نظر ھوندي آھي.
چو تہ ھُو مٽي ڪائيندو آھي. مون ڪان ڊڄندو بہ آھي، جو مار ڏني ھئي مانس تہ جيئن ۽ مٽي نہ ڪائي.
ھڪ ڏينھن پڇيومانس: مٽي ڪائين ٿو؟
چيائين: نہ
توکي پيءُ آھي؟
چيائين: نہ
توکي ماءُ آھي؟
ڍڪرجي ويو.
چيائين : ھا
ھن کي ماءُ ڏاڍو پيار ڪندي آھي ـ ماءُ سان محبت اٿس ۽ مٽيءَ سان بہ ـ
پر مون کي پنھي سان ناھي.

# اوهان لاءِ ڳاڙهي ڳٽول ڇوڪري

مون ڪان پڇي ٿي: چوند جي معاملي ۾ اوهان جي ڏاڍي ڳالهه ٻڌي آهي؟
’توکي ڪنهن ٻڌايو؟‘
’هُن!‘
ساهيءَ ڪان پوءِ.
’ڪنهن؟‘
’هُن ....
ڪنواري ڇوڪريءَ .....
سمجهي ته ويو هوندين!‘
’اها ته منهنجي روشن خياليءَ تي عاشق آهي، مون نه ..... هوءَ هڪ لمحي جوان آهي ته ٻي لمحي پوڙهي .... واهه جي ڇوڪري آهي ... ذهين.‘
ساهه ڳنڍ ٻڌي پڇي ٿي: توهان ڪي جوانيءَ جي ڪري وٽي تي يا پوڙهپ جي ڪري!؟‘
’مون ڪي ٿي پيو آهي ڊپ ته ڪٿي هن تي سماج جا فيصلا مڙهجي نه وڃن ....‘
اکين ۾ شام ـ اشڪ لهي ٿا اچنسِ ـ
’هوءَ جڏهن ڳالهائيندي آهي ته وقت جا ڪانٽا مُندجي ويندا آهن .... اوهان ڪي اکيون ڪونهن ـ توهان الائي نه ٿا ڏسو ....؟
هوءَ مون لاءِ مريم آهي.‘

# خواب پالي نه ٿي سگهان

’پاڻ ۾ وينا آهيون، رڳو هوءَ پنهنجي نه ٿي سگهي آهي.‘
’ٿي ويندي .... توهان پاڻ کي ڏيکاريو.‘
’مان نيڪ آهيان.‘
’ڪيترو؟ جو جنهن پاسي ڪان ڏسجي ٿو ته ڪُتل ٿو پاسجين!‘
’مونکي نه چئه؟‘
’پاڻ کي ڏنو ٿي ـ

تنهنجي اندر ۾ ايتري سيڪس آهي جو هاڻ .... مون واري ڳالھ تي ناراضگي تي ٿيئي ..... تون اينءَ ٿو سمجھين تہ رڳو مان ٿو چاڪان ـــ نہ چاڻ سپ ان تائين پهتل آهن ۽ تون تہ هاڻ ئي جوان ٿيو آهين ۽ پاڻ کي لڪائين ٿو ـ ٻين کان ـ پر سيڪس انسان کي مهذب بنائي ٿي.‘
هُو چپ.
’جتان خالق جي تخليق بلندين تائين پهچي ٿي تہ اتان ئي انسان تخليق جي سفر تي اُسهي ٿو ـ هر بي ترتيب شيءِ کي وس آهر سهيڙي سگهيو آهي ـ انسان.‘
’.... ٻيو ڪجھ ڪونهي چا ٻڌائڻ لاءِ؟‘
چڱو ٻڌ:
’خواب پالي نہ ٿي سگهان
پاڻ سنيالي نہ ٿي سگهان.‘

## مون دري بند ڪري ڇڏي

دري انهيءَ ڪري کوليندي آهيان تہ
ايندي ويندي
مٿي ڪپڙا سڪائڻ،
ٻيو گهرو ڪم،
۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهرين جهان کي ڏسان.
هوا بہ تازي ملي.
ٻاهر جڏهن بہ ڏٺو اتم تہ پاڙي واري ’پريل‘ جو گڏهہ ئي ڏسڻ لاءِ مليو.
هڪ ڏينهن پريل گڏهہ کي بي درديءَ سان ماري پيو ـ
چيومانس: چاچا ايترو چو ٿو مارينس؟
ڪاوڙ مان: ان ڪري ٿو وڙهانسِ تہ من ماٺهو ٿي پوي!!

# وهاڻو

پياري حسينا!
تنهنجا ميسيج ملندا رهن ٿا ــ ڏاڍو مصروف آهيان، واندڪائيءَ ۾ جواب ڏيندو رهندس.
منهنجي ملڪيت ٻيو ڪجھ بہ نہ ٿي.
ڪتاب ــ
پينٽنگس ــ
نقاش (پُٽ)
ڪتاب ۽ پينٽنگس سنڀالي رکجانءِ .... ڪنهن کي بہ نہ ڏجانءِ .....
توکان ۽ نقاش کان سواءِ .....
پليز منهنجي ڪري پريشان نہ ٿجانءِ ــ سمورو وقت نقاش کي ڏجانءِ تہ جيئن هُو تعليم حاصل ڪري سگھي.
ٻنهي جو اثاثو آهي!

Delivered to

Hassina

+ 0092 3337568515

Date and time

25-10-2006

23:50:30

حسينا!
مونکي هميشہ رات جو ڏهين - ٻارهين وڳي واندڪائي ٿيندي آهي ۽ مان سندس هٿ چمندو آهيانسِ تہ جيئن ميسيج موڪلي سگھان.
هن هفتي پنج ميسيج موڪليا ـ
الائي جي چو پيندنگ ۾ پيا آهن؟
نقاش لاءِ چُمي ــ

Delivered to

Hassina

+ 0092 3337568515

Date and time

05-11-2006

20:15:39

تنھنجو ميسيج مليو ـ
ڏاڍي خوشي ٿي.
تو ڪنھن ڪي چاھڻ جو پڇيو آھي؟
مني!
اُپسرائن جي ڪمي ايڏنھن بہ ڪونہ ھئي ۽ ھتي بہ ڪونھي.
منھنجي صاحب جي ڌيءُ ڏاڍي ڪيچلي آھي.
تون يقين ڪر ــ
مان پنھنجي مرضيءَ سان بنگلي جي اندر بہ نہ ٿو وڃي سگھان ـ
ھڪ ڀيري پنھنجي ڪمري ۾ گھرائي چوڻ لڳي: تون ھتي پلي ننڊ ڪر مان موٽي ٿي اچان ــ اي سي ھلائي ڇڏي اٿم.
مون سمجھيو ھِپيءَ اُڊيھڙ ٿي چاھي!
چيومانسِ: مان جڏھن بہ ستو آھيان تہ پنھنجي وھاڻي تي ستو آھيان ـ

Delivered to

Hassina

+ 0092 3337568515

Date and time

12-11-2006

23:43:09

## اظھار جي سُرڪڻ ڦاھي!

شھر جي سونارڪي بازر جي اوپرين ڇيڙي تي پھچندي ئي ماڊ تي نظر ڪريس ٿي.
ماڊ ڏانھن وڌي ٿو وڃي.
ڪيسي ڏانھن ھٿ نيندي.
گولڊ فليڪ جو پاڪيٽ ڏي.
ھُن پاڪيٽ ڏنس.
گھڻا؟

يارنهن رپيا.
هي وٺو.
ماڻ واري چيس: روپئي جو ڇا ڏيانوَ؟
Fanta جا ڪنمنٽرا.
Khopra ڏيانوَ.
نہ.
ماڻ وارو ڪنمنٽرا ڏيندي پڻڪي ٿو:
شوقين آهي!

## ننڍي سفر جي آخري منزل

ڪوس. پلا موهن جي دڙي ۽ مڪليءَ جي وارث ڪي ماني ڪينءَ وٽندي. ذهن ۽ زبان ۾ رتُ، ساوٽيون رت سان پريل!! اڄ چانڊوڪيءَ هينان رت سندي ماني.
**مڪلي ۽ موهن ــ** چيپاٽيل جذبا: گھٽيل مسئلا/ انتقام/ مايوسي/ ڊپ.
مان ۽ منهنجي هٿن ۾ گھوڙيون!!
زندگي اينءَ، جينءَ موهن جو دڙو.
موت ڇا؟ مڪليءَ جو قبرستان.
هن ماڻهن مان ڇو رت جي بونءِ تي اچي ۽ هن دنيا جا ماڻهو اڪيلو ڪرڻ گھرن ٿا. هي ماڻهو مون ڪان اڳتي وڃي وري واپس ٿيا آهن، شايد ڪجھ ڪندا.
مون ڪي ڇو ٿو ڊپ ٿئي!
ماڻهو وحشي تہ ناهن!؟
هي انسان تہ پيدائش ڪان وٺي وحشي آهن! هي وحشي ڪائڻ ٿا گھرن، دنيا ڪي، محسوس اينءَ ٿو ٿئي.
پر مون ۾ آهي ڇا؟ مان تہ پڄي ٻہ نہ ٿو سگھان! هُو تيز ڊوڙندا ٿا وڃن ۽ مان ڏرتيءَ جي ننڍڙي منزل پار ڪري نہ سگھيو آهيان. اميدن ۾ تہ ڏرتيءَ ڪي پار ڪرڻ لاءِ نڪتو هوس.
ساڻ: ٿيلھو ۽ ڊائري.
هن آٽوگراف ڏيندي ڊائريءَ تي لکي ڏنو هو:
’چُمي ...
ان جي هينان مون لکي ڇڏيو هو:
’ڊپ!
ائينءَ ڏسان ٿو تہ سنڌو هاڻ ڦوھ وهيءَ ۾ آهي ۽ هُو منهنجي نالي سان قبرستان نهرائڻ گھرن ٿا. اينءَ پڌو هو!!

تنها هوندي به اڪيلو ناهيان چو ته پاڇولا منهنجي ڪَيِ آهن، پڇڻ چاهيان ٿو پر منهنجا پير ڪم گهٽ ڪندا آهن، پڇي به نه ٿو سگهان!

’رات گهٽي تي وئي آهي سمهي پوءُ.‘
’ڇو؟‘
’سياڻي آفيس نه ويندين ڇا؟‘
’ويندس.‘
’پوءِ ننڊ ڪر.‘
’نه ٿي اچي.‘
’پلا پيتو اٿئي ڇا؟‘
’نه، هيڏي اچ.‘
خاموشي، اڪيون ڄميل، ڇپن تي زبان.
’ڇو؟‘
مون کي علامه قاضي ياد ٿو اچي.‘
’لکي ڇڏ: صبح جو ٻڌائجانءِ.‘
’مون کي اهو ڪجهه ياد ٿو اچي جيڪو، ڇا؟ (خيالن ۾ گم ٿي وڃي ٿو.)
ها؟! اهو ڪجهه ياد ٿو اچي جنهن جي اجان تائين الفابيٽ پوري نه ٿي سگهي آهي.‘
’الفابيٽ ته ٻوليءَ جي ٿيندي آهي؟‘
’علامه واري پيار جي ٻولي.‘
هي سوچ جو وهڪرو نظر ڪان تکو آ، نظر تلوار ڪان ۽ رات مون ڪان ٻه لڏل گل وڃائجي ويا، جيڪي پيار، .... تحفي ۾ مليا هئا.
ضمير وڪامجي ويو.
خوبصورتي ذلت ۽ خودڪشي.
توهان سنڌي ان پاسي چو ٿا سوچيو ۽ پوءِ سبب.
عورت، پيسو، ’گهر‘، آزادي (گهمڻ) فضول سبب آهن! نه ڪرڻ کپي!!
يا ڪو زال پ .... وڃي ـ گهر ۾ بيعزتي ٿي هجي، سماج ۾ ذليل پٽو، اها ڳالهه جيڪا پيءُ ماءُ سان نه ڪري سگهو. سوٽِ، ماساتِ، پڦاٽِ سان پيار!
هجن ٻه مگليون. اها ٻه ناانصافي آهي، پاڻ سان، پوءِ ٻه نه ڪرڻ کپي. مذاق مذاق ۾ نشي جي ٿکي وني ڇڏيو!!
وساري ڇڏيو.
ياد ڪيو، ايندڙ موسم ۾ ٿيندڙ گلَ.
مون کي ڇيو هيائين: ’نفرت جي نانءَ ڪان هڪڙو ٿوهر جو وڻ ڏئي ڇڏجانءِ، مون کي هڪ ئي سوڪڙي ڏجانءِ. پنهنجي ڳل جا موهيڙا. شايد سقراط پهريون پيرو پيتو هو پر مان ته عادي ٿي وئي آهيان.
اي: جاهل تلوار ۽ ستارو ڳڏائي نه رک ....‘
اڄ به ياد آهي! ڪار تي فائر ٿيو هو.

گاڏي ڪلٽي، روڊ تي رت.
گلاب جي خوشبوءِ.
پويان گوليون،
زبان وات کان ٻاهر، ڪير ﺑہ لهي ﻧہ سگهيو.
جذبا چيپاٽجي ويا!
خوشيون، پيار! اميدون ناگاساڪيءَ جينءَ رک تي ويون، اڪيون ناچ پيون ڪن، ڪار جي شيشي مان.
هُن ڪي پسٽل هٿ ۾، چپن تي مرڪ، ڪلندا ڪلندا روڊ تان لهي ويا.
چهرو هيدو هيدو.
گاڏيون.
ماڻهو.
رڙيون ۽ سڏا!
ايمبولنس.
پوليس.
هاسپيٽل.
ڊاڪٽر .
بيهوش تي وياسين! پوءِ خبر پئي آيا هئا صحافي!
اهي ڪير هئا؟ خبر ناهي!
هاڻي ڇا ٿيندو؟ خبر ناهي!
هوئين اسپتال ۾ ويندي سنو ﻧہ لڳندو هو ــ هاڻ ﺗہ پاڻ ۾ اسپتال!
تڏهن ڪان ماڻهن تي ويساهہ ﻧہ ٿيندو آهي ـ جڏهن ڪان مان ۽ ڪار گوليءَ سان ايڪسيڊنٽ ٿيا هئاسين.
هُو شايد مون کي مارڻ گهرن پيا! مان بچي ويس، گوليءَ جي اک ڪان:
هاڻي اڪين ڪان ڊپ ٿيندو اٿم.
هاڻ اڪيلو آهيان،
پر هڪ ڏينهن نرس چوي پئي: ’تون بچي ويو آهين ۽ جڏهن تون خوش ٿئين ـ ﺗہ پوءِ سني پامسٽ کي هٿ ڏيکارجانءِ‘.

## زندگي ڳتا ڳتا!

ذهن ڪُرڙيءَ جيئان ڦٽڪي ٿو، اوچتو دانهن .... ڏنم.

چوڌاري ماڻهن جي پِت ڦريل .... ڪو ماڻهو ڪنهن جي جهوليءَ ۾ اوٻاسيون پيو ڏي.
آواز اُٿي بينو: ’اسپتال ڪٺي هلوسِ‘.
سپ ڏسن پيا!
ڦرجي ويس ....
زندگي!
..... ڇڏي ويو؟!؟
هڪڙو پُٽ!
ابهم ٻارُ تہ اڃ ئي پيار ڪان پري هو چو تہ هن جي ماءُ هلي وئي هئي، زندگيءَ جي هن پار ....!
۽ هي پٽ ڪي هميشہ خوش رکڻ ۾ هوندو هو، هڪ ڀيري پٽ ڪي ٻڌايو هيائين ....
هڪڙو انڌو.
ٻيو ڪاڻو.
ٻئي هليا هئا چوريءَ ڪرڻ.
نڪتا چوري ڪري.
گهر مالڪن کي خبر پئي.
ڪڍَ پيِنِ!
چور ڊوڙڻ لڳا.
ڊوڙندا پئي ويا.
تيز ڊوڙندا پئي ويا!
چپ ٿي ويو!
پُٽ پڇيس: بابا پوءِ ڇا ٿيو؟
موت: پُٽ ....
ڪاڻو پڪڙي وڌائون،
۽ انڌو ڀڄي ويو!!

مُنهن

جاڙا پرون، ڳاڙهيون اکيون.
سنهڙو نڪ.
شهپر هينئين چپ تي.
چپ ڳاڙها.
ڏکھي قد وارو، آزاد زندگيءَ جو ڳيرو.
ڪوشش پيو ڪري .... مون سان شادي ڪرڻ لاءِ.
ڪوشش ۾ ڪامياب ـ
مان چاهيان ٿي،
شادي کان اڳ مرد ۽ عورتون سڀ ٽيستون ڪرائن.
جيئن دوکو هار کائي وڃي.
..... اڻ ڳڻين ڏينهن کان پوءِ نئين چاول ٻار جيئان پڌرو ٿي پيو..... (ڪکو/ ڪکي!؟)
.... هاڻ ڪنهن کي بہ نہ ٿي چئي سگهان، سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ طلاق نہ ٿي گهران .... هُو تہ دشمنيءَ ۾ ڪامياب ويو.
هُو پنهنجي مائٽن ڏانهن بہ نہ ٿو ڇڏي.اف .... هن کي مارڻ مان ڇا ملندو، پاڻ ماري بہ نہ ٿي سگهان!
تاريخ انفراديت کي هٽلر چيو آهي؟!
صحيح چيو اٿس!
’ڪنهن جي ٽيلفون هئي؟‘
’امان جي.
’ڇا چيائين؟‘
’چئي پئي تہ ڪڏهن ٿا اچو!؟‘
’بہ ٿي پيرا فون ڪئي اٿس، وڃين ڇو نہ ٿي!؟‘
ڳوڙها اگهندي ....
’کهڙو مُنهن کڻي وڃان!؟‘

## وئشيائن جا پُٽ ڏهيسر

ويهہ.
نہ ويهندس.
ڇو نہ ويهندين؟
جيستائين پيٽ جو بلو نہ ڪندين.

.....
چڱو هٿ ڌوءُ.
نه ڌوئندس.
ڇو؟
ڳيي ڪان پوءِ چانهه پيئبي.
اها به ٿئي پئي.
ٺيڪ.
چانهه به ٿي وئي ته همراهه اُبِ جي گهڙيال ۾ اک وجهندي چيو: مان ويندس.
واهه ڙي واهه، ڪهڪهه رات آهي، زمانو ڪائڻ ٿو گهري، نه وڃ ته بهتر آهي.
ضرور ويندس، ڪم آ.
نه ٿو مُڙين ته ڪهاڙي ڪنيون وڃ.
اڙي پاڻ ڪي ياڙيو سمجهيو اٿئي ڇا؟
نه نه پاڻ ته ڪهٽ ناهيون.
وري ملبو.
الله توهار.
جوان ڳيرو ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪڍڻ وارو، مڙس ماڻهو، طاقتور، پهلوان ....
ڳيروءَ جو تورو سفر هيو! ٿورڙي سفر ۾ اينءَ محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ مريخ تان لٿو پيو اڇي .... سندس سوچ وهڪري ۾ هزارين عبادت گاهون نهيون ۽ ڊهيون پئي.
ان سفر ۾ بغير ڪنهن ڳٽپ جي سونهن ڪي الائي ڪيترا سجدا ڪندو رهيو ۽ خوشيءَ مان وڏا وڏا ٽهڪ!
اوچتو، ڪنهن ڪي ايندي محسوس ڪيائين. هن پنهنجو بچاءُ ڳولهيو، ڪنهن جهڳٽڙي جي سام ورتي .... نه سجاٽپ جي ڪري هڪل جو وارُ ڪيائين:
ڪير آهيو؟؟
جواب ۾: نه ويندين.
ڀِ بيهي رهيا، هڪڙو ساٽس وچڙي پيو.
اَڇو نه ٿا!
ٻئي پهتا ..... ڪيرائي وڏائونس.
تنهي جي ڏندن ۾ گوشت جا ٽڪرا ناچ ڪري رهيا هئا.
اهڙي جُنُ!!
هئا ڪير؟
گدڙ.

## پرهه مَ ڪٽين پاندُ

چندبَ ألتي پيو ڪري، ڌرتيءَ تي روشنيءَ جي اڻ پوري سگهه سان، اوڪارن ۾ ڏک ٻاهر نہ پيو ڪڍي .... متان سماج برداشت نہ ڪري سگهي ۽ سک اگهور ننڊ ۾ ستل!!
چپ ڦڙڪڻ لڳا.
’مون تولاءِ هار پوئايو آهي، چنبيليءَ جي خوشبوءَ جو!‘
’ڇو؟‘
’دل ڪڍيو.‘
ٻڌ: ’تون ويو هئين نہ، منهنجي سوٽَ جي شاديءَ تي، اها وڊيو ڪيسٽ مون ڏٺي، ڏاڍي وٽي، تنهنجي ڪري!‘
’ٽوڪ آهي؟‘
’آهستي ڳالهاءِ.‘
’ڇو؟‘
’متان ڪو أٿي نہ پوي.‘
ڊِگهو شوڪارو.
’بس يار .... ٻن سالن کان پوءِ مليا هون .... مرڪ تہ ٿورو .... ٿورو مرڪ تہ.‘
’مان چا ڪيان، سماج ڦوهه غيرت ۾ آهي .... منا تون ويو هئين نہ مشاعري ۾ ؟؟ نالو آيو هو، ريڊيو تي!‘
’چوري!
ڪر ذليل، پيار ۽ پيار جي پانڌيئڙن ڪي!‘
’بس!؟!‘
’نہ نہ ٻڌاءِ!‘
’پرھ دعا ڪر تہ پرھ جمڻ کان اڳ رک تي وجي، تڏهن پاڻ ـ رات جي گهاٽن وارن ۾ گهمندا رهنداسين.‘

## سپ زندھ آهن!

سنتريءَ جي بوٽن جو آواز ٻن هٿن جي وچوتيءَ تي فرش گهي ويو.
’خوش آهين؟‘
’گذري تي.‘
’ڪيئن تي گذري؟‘
’زندگيءَ جو بلاول، وقت جي گهاٽي ۾!‘
سنتريءَ وڏو ٽهڪ ڏئي چيو: ’بلاول .... وقت .... زندگي! هي پاڳل خانو نہ ڪال ڪوٺڙي آهي!‘
’وڏي کان وڏي ڪال ڪوٺڙي پوڳي آيو آهيان!‘
’صفا ڪو چريو آهين!‘

سنتري هليو ويو ..... تنها، يادن جي ڪتڪڙي ۾.
محسوس + اڪيلو ـ يادون. مستقبل ڪاري تيل زال .... زال جا سڀ ڳهه چوري .... گهر قرض تي ورتل .... پئسا وياج جا .... ماءُ مزور، پيءُ هيروئني ۽ منهنجو مستقبل! جئاريءَ جو آخري چڪو!
سنتري چڪر ڪاٽي موٽي آيو .... متان قيدي ڀڄي وڃي، آنءُ ڪينءَ ڀڄندس، منهنجا ته هٿ ۽ پير ڪٽيا ويا آهن ... زبان بند ڪئي وئي آهي .... اڪين تي پٽيون ٻڌل ....
’اچين ويو آن.‘
’ها! .... وينو آهين نه؟‘
’هون ....‘
’توکي سياڻي ڦاسي ايندي!؟‘
’خبر آ.‘
’پر تنهنجي آخري خواهش ڪهڙي هوندي!؟‘
’ڇڏيو خواهشن کي.‘
’وري به.‘
’خواهشون بچيون ئي ناهن!‘
’ڪجهه ته.‘
’زبان ڏني وڃي؟‘
’ڇا ڏني وڃي؟‘
’تيشي.‘
’ڇا ڪندين!‘
’ڪائنات جا سڀ راز اڪيليندس.‘
’مان خواهش تو پڇان!‘
’خواهش ٻڌڻ ڪان اڳ، هي به ٻڌي ڇڏ .... مون ڪي ٻار به آهن. ٻارن جي ماءُ به آهي، مون ڪي پيءُ به آهي. ماءُ به آهي ۽ سڀ زنده آهن .....‘

## ڪُنس ڪُويڇن

پوسٽ مارٽم گهر ۾ لاش فرش تي ..... ۽ لاش ڳالهائي پيو:
مان چوٿينءَ رات ڏرتيءَ تي پيار ـ راند کيان پيو ته .....
ڪاربان لکيل ڪاغذ ڳالهايو منهنجي به ته ڪهاڻي ٻڌ، مورک مون تي لکي وينو ..... مرگهيءَ وگهي مري ويو ۽ مون تي لکجي ويو!

ڪاربان ڪهاڻي منهنجي ذهن تي ڪاپاري وار ڪيو ۽ منهنجو پيارُ ـ ۽ مان نري ويل جسم! ڪائنات جي اونداهيءَ واري ڇيڙي تي.

## ماچيس جي تيلي

ڊاڪٽر ڪي ٽيسٽون ڏيڪاري، الماس ميڊيڪل سينٽر کان لهندي، ڇُمي اڌ ۾ ڇڏي، مون نوڙي ڪتاب ڪنيا.

نہ هن ڳالهايو.
نہ مون ڳالهايو.
نہ هن ڪجھ پڇيو.
نہ مون ڪجھ ٻڌائڻ تي چاهيو.
رج ئي رج.
الماس کان ڊرائينگ روم تائين.

’مهجبين‘
’جي‘
’سائنس تہ ايمان وارا هٿ ڏورائي ڇڏيا آهن!‘
’سهڻا! هر نظريي جي عبادت مختلف ٿيندي آهي.‘
’هاڻي کان سائنسي عبادت نہ ڪبي.‘
مايوسي.
منهن تي گهنج.
هلڪي دانهن ڪيائين.
’ائيلي.‘
’سهڻا چا ٿيو ٿئي!‘

’مهجبين! الائي ڪير آڪسيجن جا خسيئا مروٽي رهيو آهي.‘

’ٽيبلٽ وٺي ڇڏ.‘
’ٻڌاءِ اولاد کان سواءِ ڪيترو جيئندم.‘

## ڳل ٽافين جئان چباڙبا ناهن

+ اڳتي منهنجا ڳل نہ چمندو ڪر.
- ڳل چمڻ لاءِ تہ هوندا آهن.
+ چمڻ لاءِ ضرور هوندا آهن ٽافين جيئان چباڙبا ناهن.

وري چپن جا ٻڪ.
ڊور ڪام تان آواز آيو.
’ڇا ٿا ڪريو؟‘
جواب ۾ ٽين جنگ عظيم جي بارود جيترين گاريون ٽي سي ايس ڪري ڇڏيائين.

---

+ بلب تہ بند ڪر.
- زيرو جو تہ آهي.
+ نہ تو وٽي.
- مون ڪي اوندھ نہ ٿي وڻي.
- چري اوندھ ۾ مزو آ، شادي ئي رات لاءِ ڪبي آهي. ڏينهن تہ گذري ٿو وڃي منظر ۾. اوهُ ..... رات وڏو سک آ.

---

- هيڏي تہ اچ! در تہ ٻيڪڙ.
پاڻ ڇڏائيندي.
+ ڇڏ ڇڏ: هڪڙو منٽ.

- چو؟
+ لپ اسٽڪ لاھي اچان.
- متان چپ وساري اچين.

## امرتا

اي چنڊ:
تون سماج کي بدلائي سگھين ٿو؟
نہ، مان اونداھي ٻاٽ ۾ لاٽ -
پلا سماج کي ڪير بدلائي سگھي ٿو؟
سماج کي انسان ئي بدلائي سگھي ٿو.
جي تون لاٽ آھين تہ تنھنجي لاٽ ۾ غريبن جون چوريون چو ٿين ٿيون؟
ان جي ڪري تہ انسان، انسان کي اڳتي وڌڻ نہ ڏيندو آھي.
ڇا ان انسانن ۾، تبديلي آڻي سگھندين؟
اھو انسانن جو پنھنجو معاملو آھي.

اي سنڌو:
ڇتيل پني تي منھنجي ڪھاڻيءَ جا ڊائلاگ ڊاھي سگھين ٿي، باقي ماڻھن جي تقدير بدلائي نہ ٿي سگھين، چو؟
مان ماڻھن کي سڪون ڏئي سگھان ٿي، مان ماڻھن جي تاس اجھائي سگھان ٿي.
اي سنڌو! تون اھڙي ٿيءُ جو تنھنجي پاڻيءَ سان سماج بدلجي وڃي؟
ناممڪن آھي، سماج انسان ئي بدلائي سگھن ٿا.

اي ڌرتي:
تون سماج کي بدلائي سگھين ٿي؟
سماج انسان پاڻ بدلائي ٿو ۽ پاڻ ناھي، مان انسانن کي گھمڻ لاءِ ورثي ۾ ملي آھيان. منھنجي سيني کان سواءِ زندگي ڪنھن بہ سَياري ۾ ڪونہ ٿي ملي، مون کي اھا ئي خبر آھي.
ھا! بلڪل تنھنجي سيني تي سنڌو، نيل، گنگا، فرات ۽ ٻيون اھڙيون ڪيئي نديون آھن، جن انسانن کي زنده رکڻ لاءِ ماحول سازگار ڪيو آھي.
تون امر آھين ۽ انسان بہ امر آھي، جنھن توکي امرتا بخشي آھي.

# شادي نہ ڪجانءِ!

توڪي سڏايو هيم .... نہ آئينءَ چو؟ ۽ پوءِ ملي هئينءَ، چئي نہ سگهيس ....
منهنجي چڇريل جسم ڪي نہ ڏٺو اٿئي، دل آهون ٿي پري ... چالاءِ؟؟ .... مون ڪي ڪو بہ ڏک نہ آ!
سچ نہ چئي سگهندو هان توکي!
جسم ڳيا ڳيا!
ڳترا ڳترا.
وار وار زخم سان ڀريل منهنجو جسم نہ ڏسي سگهندينءَ، چو تہ ..... تو وٽ ڏسڻ واري اک آهي الائي نہ ؟
توڪي چيو هوم: ’مون سان شادي نہ ڪجانءِ.‘
تو چيو هو: ’ڪندس.‘
ان وقت خوش هئاسين ..... ڏک ڪو نہ هو. منهنجا سپنا موتي هئا. اميد ليڪچرار هئي.
اجا ڪپڙا، هزار نوٽ.
ياد اٿئي.
ڪئنٽين تي وينا هئاسين، ان وقت پيار ماکيءَ جئيان هارجي پيو ... ڪٽندي وجين پئي اندر ۾ اوتيندي.
توکي چيو هوم: ’نہ ڪڻ متان ماکيءَ ۾ ڪجھ هجي.‘
تون ڪٽين پئي.
منهنجي ذهن جي مصور ڪي ماري چڏيو تي ۽ هاڻ مان لکي بہ نہ تو سگهان، آخر تو اينءَ چو ڪيو؟ تو منهنجي مستقبل ڪي ماري چڏيو آهي.

مان اميدون ۽ سپنا گهران نڪرڻ مهل پاڪيٽ ۾ رکي، بٽڻ بند ڪيم .... ۽ تنهنجي شهر وچان اچان پيو .... اڏندڙ. شيءِ جو آواز ڪنن سان ٽڪريو، اکيون تيزيءَ سان پاڪيٽ ڏانهن ڊوڙڻ لڳيون.
ڏٺم. بٽڻ ڪليل آهي! اميدون ۽ سپنا هوا ۾ اڏامي ويون .... اوچتو چرک پري نند مان اٿيس تہ حيراني مون ڏانهن گهوري تي.
ڪونهن.
بئي پير ڪونهن ۽ هينئر گهوڙين تي هلان ٿو ۽ هاڻي منهنجي زندگي!
جي آهي تہ چا؟
مان هارايل جوئاريءَ جئان.
ڦٽڪندو رهان ٿو.

آس ۽ نراس جي وچ تي ٽنگيل آهيان!
ٻئي پير ڪونهن.
تڏهن نہ اچي سگهندو آهيان توڏي.

## اجا تائين

پڇاڙي.
درزيءَ جي اڇلايل ڪپڙن جي ڪاتر جا ٽڪرا، سڙيل سگريٽن جا اڌڙ، اخباري پنا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ هٿن ۾ هئس.
آيو. بڪ اسٽال واري ڪان علي بابا جي ڪهاڻين جو ڪتاب گهريائين. پهريان تہ اسٽال واري ڇڙٻ ڏنس،
گهوري ڏسڻ ڪان پوءِ چيائينس:
سر معاف ڪجو، علي بابا جو ڪتاب آهي، ڏيانوَ؟
هن هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، اسٽال واري پنهنجي هٿ مان، هن جي هٿ تائين پهچايو تہ اسٽال تي بيٺل ماڻهو اچرج ۾!
اسٽال واري چيس:
اڳ جئان هاڻ بہ اوهان سان ٪20 سيڪڙو رعايت ڪندس ۽ هن ڪتاب جي قيمت 150 رپيا آهي.
هن پيري بہ ڪتاب خريد نہ ڪري سگهيو ۽ فلٽر جهڙو منهن ڪري شهر جي ويڪرن ۽ سوڙهين گهٽين مان ميڙيندو پيو وڃي، ڪروڙ پتين جي گهرن جا بوهر.
جواني
هي بہ رائيٽر هيو ۽ پنهنجي دؤر جو مهان ڪهاڻيڪار رهيو، هاڻ تہ چرين واري زندگي گذاري ٿو. هن جي چريائپ مان بہ ڪوڙ اديب ڪهاڻين جا مفت ۾ پلاٽ هٿ ڪري هليا ويندا آهن.
مان ان ڪهاڻيڪار جو نانءُ نہ ڪٽندس ڇو تہ هُو وڏي اديب سان گڏ وڏو ماڻهو بہ آهي.
هُو ڪنهن ٻي چريي کي ڪجهہ ڏوڪڙ ڏئي چوندو آهي تہ هُن چريي اديب کي وٺي اچ. ۽ پوءِ ڇهن مهينن ۾ پنهنجي نالي سان نئون ڪتاب مارڪيٽ ۾ پڌرو ڪندو آهي.
اڳياڙي
ادبي ميڙاڪو متل.
مقالن جي نشست ۾.
ڪنهن دوست پنهنجي مقالي ۾ ڪهاڻيڪارن جي پيٽ ڪندي، علي بابا کي واهيات رائيٽر چيو.
هن يار
چمات هَئين،
مقالي پڙهندڙ کي

۽ موت ۾ (ھي اديب، پھتو سول اسپتال.)
پنجويھہ سالن جي دوستي.
تخليقي ذھن.
گھر ھليو ويس.
چا بچيو اٿس ھاڻ.
عقيدت جي حد تائين ڪنھن کي پسند ڪرڻ واھيات پڻو آھي ـ ھي چريو عقيدت جي گھوڙي تي اجا تائين چڙھيل آھي.

## ھاءِ جيڪ ٽيل ماءُ!

اشڪ بار.
’پھرين سالگرھ تي.
آپا، تون نہ روءُ پليز، آپا موت نہ ھجي ھا تہ شايد سيني ماڻھن ۾ سيڪس جي خوفناڪ ڏپ نہ ھجي ھا.‘
’تون ڏاڍي ڏاھي تي وئي آھين اڳي ڪان؟‘
’ھا آپا مون شادي ڪئي پُٽ ڄائو، ان ڪان جلدي ئي پوءِ ھُن کي ماريو ويو. ڏاڍو پوڳيو اٿم. آپا تو محسوس ڪيو آھي تہ مان ۽ امڙ سنڌو ھاءِ جيڪ ٽيون آھيون؟!‘

## منھنجي قبر لاءِ پلاٽ ڪٿي آھي؟

سامھين بورڊ جي عبارت.

هتي گشتي لائبرري بيهندي آهي.

بمبيءَ يونيورسٽيءَ مان پوزيشن ڪنئي هئائين، وڏو هوشيار. علم جو ڄاڻو، جنهن سبجيڪٽ تي ڳالهائيندؤس تہ ٻولي مٺ ۾ ۽ سارو ڏينهن دليل نہ ڪٽندس. وڏو ذهين آهي.ذهانت جي انتها، سائين اسڪول جو هيڊ ماستر آهي.

هلچو.
لائبرري جي اچڻ ڪري.
رسيس ۾ پنج منٽ.
بيل وڳو.
لائبرريءَ طرف ٻارن جي ڊوڙ.
لائبرري اسڪول جي پارڪ ۾ روڊ جي پَريِنءَ پر.
تاڪ کُليا.
ڪي ٻار ڪتاب واپس ڪن پيا تہ ڪي بُڪُ ڪرائن پيا. پيهہ وڌندي وڃي پئي.
ٻارن جي خوشيءَ جو ڪاٿو ئي نہ !

ڪار جي تيز بريڪ.
استادن ۽ شاگردن جي واتان اپ ڏاريندڙ رڙ!
’سائين ....‘
سيني ڌڪو پئي تہ هيڊ ماستر جي حياتيءَ ڪي موت جو وشال پاڪر.
لائبريريءَ جا تاڪ کُليل رهيا.
اکين جا تاڪ بند ٿي ويا.

## موڙ

مان ڊوڙان ٿو.
توکان پري، ڪائنات!
پر مان تہ تو ۾ دفن ٿيندس، پوءِ منهنجي نفرت ڪا بہ اهميت نہ رکندي.
ڪائنات: آرسيءَ ۾ ڏس .....
ماضيءَ تو ۾ ڪيترا ڀيا ٻار دفن ڪيا آهن.

[لاشعوري، لاشعوري ....]

هُو ڪائنات جيتري عزت، ملھ ماٽي چڪو هو. تڏهن تہ هن دنيا جا انسان جُھڪي پوندا اٿس، آڏو.
موسمن سان ڪيڏندڙ مصور.
ارڏو .... اٽل، سنهڙو، سيپڪ.
دنيا جي سونهن جھوليءَ ۾ .... شعور جي لڏندڙ لامن ۾ دنيا درس گاھ بنائي ڇڏيائين.
[پٽڪو]
’تون نہ ٻڌي سگھندينءَ!
پنهنجي تاريخ ..... تون ۽ مان حرامي آهيون!؟‘
’حرامي ، ڪينءَ!؟‘
’هوءَ تي چوي، تاريخ!
هو ڏس،
ڪول ٻيءَ ڪول جو لاش ڪنيون تي وجي .... ڏينيو ڪي، ڪيستائين ويندا؟
هڪڙي غلام ڏرتيءَ جا ٻاڊر ڪراس ڪري، ٻي غلام ڌرتيءَ ڏانهن!‘
گمان .... شڪ .... ويساھ قافلن جي ڏوڙ ۾! (پن ڇڻ)
’چاهيو چا ٿا؟‘
’مان نہ ٿو چاهيان.
ايبز .... ڪالا باغ ۽ ويشيا گھرن مان جنم وٺندڙ ٻار وزير ۽ قانوندان ..... ڏيءُ ڪي پيءُ مان ٿيل پٽ نيشنل ڪارڊ تي، پيءُ جي خاني ۾ ڪنهن جو نالو لکرائيندو.‘
’تون گاريون چو ٿو ڏين؟‘
’جن توسان ۽ تنهنجي تاريخ سان ريپ ڪيو آهي، انهن کي چا ڪيو ٿِي!؟‘
’تو ۾ ماٺپو ڪونهي!‘
’ ..... جنهن کي آنءُ مڃان ٿو ان ۾ ماٺپو آهي.‘
پوڳ.
اڪين جو آڪاس کي ڇهڻ.
هُن جي آڱرين مان نڪاءُ ڪيڻ/ آڱرين جي ورزش.
موسمن جا ٿهڪ! ٿهڪ گلابن جا غلام آهن.
وڏو ياڪر.
سنهي چوڪري.
ٻانهن جي ٻيٽ ۾.
ڪٽ جو ٻاهڻ.
وهاڻو فرش تي ڪريو.
مٽان وارو ٽوال هينان.
چپن جا چيڪات.
زبان هڪ وات کان ٻي وات ڏانهن منتقل.
چولي جو اڳيون اڌ پيٽ تان لهي ويو.

اوچتو.
آڱريون مندجي ويون.
آڱرين کي زور آيو.
چپن جي چيڪاٽن جو ردم ٽٽي ويو،
زبان واٽ مان نڪري وئي.
ڏانهن اٽي بيٺي!

صبح جو هُو جاڳيو.
اڪيلائپ جي ڪري وشواس ۾ شڪ ....
رڙيون ڪرڻ لڳو: هوءَ نہ ٽي اٽي. اجا ننڊ آهي، جاڳائڻ جي تو ڪريانس، نہ ٽي جاڳي ... منهنجو ساهہ تو گهٽجي (ڳوڙها اگهيائين) منهنجا راز ڪير سانديندو هاڻ، پليز منهنجي آڪرتيءَ کي نہ دفنايو، دفنائيندوس تہ سمپرڪ ٽٽي ويندو!

[.......]

آڄيان لاءِ بيٺل شاگردن کي چيائين:
’ويهو!
اڄ ويدنا بابت اوهان کي ٻڌائيندس،
هُو ڏسو ...../ ٻڌو،
ٻہ ماڙ تي گوليون، مون کي ٽا هٽن، جيڪڏهن اوهان (شاگردن) احتجاج ڪيو، منهنجي مرڻ تي. خبر اٿو ڇا ٿيندو؟ هُو اوهان جي ڪمرن واري بلبن ۾ بم رکي ويندا. (ڳوڙها تري آيس) مان ائين نہ ٿو چاهيان.
پر مان ..... مان نہ رهيو آهيان .....
سنڌي اباڄها ماٺهو اٿو، اسان تي ويساهہ رکندي ٻہ پيرن ۽ مرشدن جي پيروي ٻہ ڪندا آهن.
ڪو ڏينهن اهڙو ايندو ــ !
ايجنسيون ....
تيل جون ٽرڪيون پري سنڌ ۾ چپي چپي تي هاري ويندا .... هي سنڌي چوندا تہ ويچاري ڊرائيور کي خبر ئي نہ آهي تہ پويان پيٽرول جي ٻجي کُلي وئي آهي. خبر تڏهن پوندي سنڌي سڙي خاڪ ٿيندا .... پوءِ سنڌ لاءِ ويدنا خبرن تائين ٻچندو!!‘

[ڇڏي ويو ڊائري]

ــ منهنجي زال تہ دفن ڪئي وئي پر مان پنهنجو پاڻ ارپيان ٿو،
نديڙي سنڌوَ کي.
اي تاريخ!

هن دنيا جا ماڻهو مذهب، سماج، ماڻهپي ۾ توڪان مايوس ٿي خودڪشيءَ ڏانهن موڙ ڪائيندا؟!

## ڪاري

ازل جي منزل جي تلاش ۾، تتل ريتيءَ ۾ ڳهندي ڳهندي، پيرن جا چلر ڪري پيا اٿس، پوءِ به ساڳيءَ منزل تي هلندي رهي!
مون کي ياد آهي، تاس. پاڻي پيئندي يڪ هينان اچي ويو. اهو ٻڌندي جان مان سئاندڙيون نڪري ويون، اها تاس پاڻيءَ جي يا پيار .....؟
پرينءَ کان پوءِ رات جا چاراها، ستارن جي جهر مر سان، ڪوئل جهڙي رات ۾ سونهن جا سلسلا، بهار نفرتن جي نانءَ سان پڪاريو وجي! جيڪي جانيءَ کان پوءِ سي ئي ناهن سندر جذبا ـ جذبن جا اٿاهه ميڙ، توهر جي سالگرهه کان پوءِ ورسي ڪندا آهن! .... نفرتن جا ڪنڌر من جا نفيس احساس پوري ڇڏيندا آهن، هڪ ڇهاءَ سان!
احساسن جا عظيم گل  پري پوندا آهن، پرينءَ کان پوءِ!
هوءَ چوي پئي:
’چاهڻ به پيار آهي .... اچارڻ اعتبار آهي .... ڊاهڻ کي خودي چئبو .... پائڻ اظهار آهي! حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجو پاڻ بچايو. هرڪو چاهيندو آ .... پنهنجو پاڻ لڪايو، هن هيڏيءَ ساري دنيا ۾ عورت کي چو ٿا چاهيو، چاهيو نه پوڄڻ جي حد تائين، خدا گواهه!‘
هوءَ چوي پئي:
ويراني به چاهيندي آهي، رابيل جا گل. هن کي مليا آهن، توهر!! تر جا توهر منهنجي نانءِ ڪيو. هن جا ڳل منهنجي نانءِ ڪيو. دنيا جا سڀ گهاوَ چو ٿا منهنجي نانءِ ڪيو، مون کي هاڻي هڪڙو نانءُ ڏيو.‘
ساڳيا پراڻا رسمن جا ڳت، چوري نانءُ ڪٽڻ، پيار جو نانءُ پُٽ تي رکڻ، گهرن گهاون پويان، لڪي نانءُ لکڻ!
هوءَ چوي پئي:

’هي جي رستي تي جگر آهي، منهنجو آهي، آگر تي رت ...... منهنجو آهي. هت في پيار جي قيمت: ڇهہ رپيا (ڇوٽين جو ڪارتوس) في احساس جي قيمت: منحوس ڏک!!
في اظهار جي قيمت: دنيا جي خوبصورت ذلت.
پنيور جي قيمت: پڳل ناري!
مذهب: هندو نہ مسلم .....
عورت جي قيمت: (مرد جي نظر ۾) اڪ
......... بڪواس ...... غلط.‘
هن دنيا جا خوبصورت ماڻهو گندنِ اکين سان هن سماج کي سنواري نہ ٿا سگهن ۽ زندگي هڪ اهڙو جيل آهي، جنهن مان ڪو انسان پنهنجي مرضيءَ سان آزادي نہ ٿو وٺي سگهي.
پر بير تي تنگيل تور وانگر انسان بہ پنهنجي حيثيت وڃائي ويهندو آهي. خوبصورتي بہ ڪڏهن ماڻهوءَ کي پريشان ڪندي آهي چو.
عشق:
’لڪي ملڻ مان توکي ڇا ٿو ملي؟‘
پڇتاءُ.
هوءَ ڪلي.
’چو؟‘
’عورت توکي ڇا لڳندي آهي؟‘
’توهر جا ڪندا.‘
’بڌ
هلو ...‘
’ها.‘
’هي ماڻهو مرڻ چو ٿا چاهن، ڪارو ڪاري تي؟‘
’ماٺ ڪر.‘
چپن جو ڦرڪڻ .... تڪڙي تڪڙي ڏسڻ،
خاموشي.
’ڇا ٿيو؟‘
’ڏپ.‘
’توهان کي؟‘
’چو اسين چور ناهيون ڇا؟‘
’آهيون!‘
وري خاموشي!
هٿن سان حرڪت!
بي معنيٰ مرڪ،
ڪل.
ٺهڪ.

.......

هن جي جيوت جو ڪتو گهوريندو رهيو، روشن ٿيل دريءَ ڏانهن، ان جي جيوت جو عڪس شايد اتي هو! مايوس جذبن ڪي اتم ڪرڻ لاءِ هو زندگيءَ جي ڪنارن ڪي ڳولهيندو رهيو ۽ ڪي ماڻهو دعا گهرندي، پنهنجو پيار خدا کان پڇي وننڊا آهن.

لفظن جي تلوار سان ماڻهو سنا دوست وڃائي ويهندو آهي!

پڪي اهو سمجهن تہ ! سيني جي وارن کان سيني جا گهاوَ گهرا ٿيندا آهن.

’تون مون کان سيني جا وار لڪائين ٿو ڇو؟‘

خيال ...... ’پرين توکي لڪائي وئي مانءِ!‘

اوچتو چرڪ.

گهاءَ ..... گهائن جو پڇتاءُ!!

پيار جا لفظ پني تي اڪيري، سونهن جون تشبيهون ڏئي، حُسن جي محلات مان عشق جا تر ڪڍي، حَسين پني تي خوبصورت عورت طرفان خط لکي، پنهنجي ائڊريس تي پوسٽ ڪندو هو. اهو عجيب ماڻهو هو!

تمنائن جو ڊائل ڦرندو رهيو، فنا ٿيل احساس جاڳي پيا ۽ ذهن ۾ هير ڦير. ليڙون ليڙون ٿيل جذبا، اجاگر ٿي پيا.

روشنيءَ جو خيال اونداهي وقت ۾ محسوس ٿيندو آهي. پر وڏين اکين واري هرڻي شاعر کي نوان گيت سرجڻ تي مجبور ڪندي آهي.

هوءَ چوي پئي: ’هي نوجوان چوڪريون ۽ ناريل هڪ آهن، انهن جي سونهن پوڙهي ماڻهوءَ کي موهي وجهندي آهي.‘

هوءَ چاهيندي هئي حُسن جو گولڊ ميڊل ٻهراڙيءَ جي عورت کي ملڻ گهرجي، ڇو تہ اهي ميڪ اپ کان بغير بہ سهڻيون لڳنديون آهن.

همدرديءَ کي پيار جو نانءُ ڏئي سگهجي ٿو؟

پيار: ڏوهہ.

پسند: ذليل پڻو.

خواهشون دٻائڻ: خودڪشي.

۽ ٻنهي جي وچ ۾ سونهن جي گهٽي! ۽ اهو سفر بہ موهي وجهندو آهي!

سفر زندگي آ،

آ زندگي سفر،

ڪلهہ ڏيءُ هئي!

اڄ ماءُ آهي!

پيار جو جذبو ڌيءُ ۾ بہ ۽ ماءُ ۾ بہ!

جذبن کي فنا نہ تو ڪري سگهجي، جيستائين جذبن سان پاڻ فنا نہ ٿبو.

هوءَ ماءُ هوندي بہ جذبا رکي ٿي.

ماءُ جا جذبا!

جذبن جي ماءُ.

ڪي ڪي عڪس ڪئميرا بہ نہ وٺي سگهندي آهي!

عڪس ڪئميرا،
ڪئميرا عڪس.
هوءَ ڊڄندي هئي اوندھ کان! جو هڪ خطرناڪ ۽ طويل سفر آهي ـ سفر پل جو هجي يا صدين جو پر سفر ۾ ڪو ساٿي بہ هجي.
اڪيلو، ساٿو، تڪل!
پل صديون!
صديون پل!
اڪيلو راهي پاڻ کان، رستي کان، رستي ۾ شڪلين کان، گلن کان، انسانن کان ڊڄندو آهي.
حراس ـــ
وحشت ـــ
خوف ـــ
مون ڏٺو تہ هوءَ سفر ۾ نہ پئي ڊڄي!
نہ حراس ـ
نہ وحشت ـ
نہ خوف ـ
خان واھ جي ڪپ تي سڏ!
سڏ اعلان. ڳوٺ وارا تيزيءَ سان وڃڻ لڳا، ڪپ تي ماڻھن جا ميڙ، هرڪو چرڪي پيو.
زبان تي خنجر، اکين ۾ رت، ڪنن تي ڏَڪ.
خاموشيءَ کي ڏاهيندي، ميڙ مان ڪنھن رڙ ڪندي چيو: ’ڪيوس!‘
عجيب منظر، جيون! ڪتو، موتي.
سيني جي چھري تي عبرت، عجيب ڪيفيت، ڏک، عذاب،
سڀ ڏسن پيا!!
منھن چچريل! سجاڻپ کان ٻاهر.
هٿ نونن کان ڪپيل.
ٻُبا ڪپيل.
سينو پور پور.
پيٽ کان آنڊا ٻاهر.
ڪِبي ٽنگ گوڏي کان ڪپيل.
سڄي ٽنگ مڇيءَ وانگر ڳترا ڳترا ڪيل.
پاڻي رتُ.
رت پاڻي.
شاخ ۾ رت جون چوليون!

# چوٿين جنگِ عظيم جو گوريلو!

هيٺر جيئان هر ڪنھن جي وات ۾ باھہ هٿ رکيو ناهي، مُئو ناهي. خانو خراب ٿي ويو آهي ماڻھن جو.
ماڻھوءَ جو ٻار حرامي نہ !
ڪنھن نہ ڪنھن موڙ تي لونبڙ وانگر ڏوھ.
پلي پٽاٽا ڪنا ٿينس.
نہ وٺندوسانس.
چوڏھن رپيا ڪلو.
ڪلھ ڏھين رپئين هليا.
پر.
پيٽ تہ يزيد آهي.
چوي ٿو: بيعت ڪيو.'
......
سوچيان ٿو آمريڪا جو چڪر لڳائي اچان! اتي ڪو يار ٿي وجي .... يونيورسٽيءَ جو وي سي.
ہِ ٽي ليڪچر ڏيان ـ ہِ ٽي لک آٽيان.
ڏاڍو سنو پلاٽ آهي. ستين نمبر ناڪي تي. جاءِ پلي ٺهندي.
اتان ڪان ڪوڙ گلن جا نمونا آٽيان.
مورن جي جوڙي هجي.
جڏهن ايترو نٺ هوندو، پوءِ ان سان شادي ڪندس چا؟ هوءَ جيڪا آهي نہ؟ ٽي وي پروڊيوسر ماهپارہ، ان سان ڪندس.
واھ جون اٽس اڪيون.
شوخ اڪيون.
ٽڏڙا ڪيندڙ اڪيون.
گھوريندڙ اڪيون.
عبادت ڪندڙ اڪيون.
پيرن هيٺان وچندڙ اڪيون.
ڪيچليون اڪيون.
سڏيندڙ اڪيون.
مون سان تہ وڏو ويل اھو آهي جنھن جي طرفداري ڪريان، ان ۾ ڪو نہ ڪو عيب، گھاءُ ٿي پوي ٿو.
ڪجھ وقت اڳ،
'رشيا' وٽندو هو.

وڙڻ جو اظهار ڪيو.
ٺُني ويو.
ڪاش اول ’آمريڪا‘ ڪي چاهيان ها!
هاڻ بہ من ...
پر خدا ماهپاره جو خير ڪري
مان هجان نہ هجان
جيتي سگهان يا هاري وڃان.
هار تہ منهنجو ڪعبو آهي
منهنجون پناھ آهن.
هن جون اکيون.
......
وڏا مزا آهن، جي فنڪار تيان.
نہ رات محفل کان خالي.
نوٽن جي برڪا
ٽيليويزن، ريڊيو.
ڪيسٽ تي، مان ئي مان.
هر ماڻهوءَ جي من ۾ منهنجو آواز وڏو محل جوڙي ڇڏي.
خدا ڪري!
نيو يارڪ ۾ محفل ملي، هليو وڃان.
اتان جي ڪا ماهپاره مون ڪي چاهي.
پوءِ تہ آنءُ سونهن نپوڙي پيئان.
پر
يئُ ٽيندو آهي
چابي.
پرس.
ءِ ڊسمبر کان.
اينءَ اوچتو ايڪسيڊنٽ ٿي پوي.
ءِ سيني ماڻهن جي دل ۾ ڏک ساتر ٿي پوي.
مان بچي وڃان!
نيو يارڪ جي سپر هاءِ وي ڦيٽا دهشتگردن هٿان.

## اداس گهر جو منظر

سُتلن ڪي جاڳائڻ .... خاموش احساسن ڪي ڇهندڙيون پائي .... ختم تيل روشنيءَ ڪي ڏونداڙي ٻارڻ .... ٻڌل خوابن ڪي تاري ڏسڻ ..... مئل انسان ڪي جيئرو پيار ڏيڻ .... پيار جي پويان ڪاما جڻ پيار ڪي واري ڇڏڻ ..... توڪي وسارڻ، ماچيس جي سڙيل تيلي!

منهنجي گهر اڳيان ٻيرُ، منهنجي گهر پويان ماتري .... ماتريءَ تي قبرون .... قبرن ۾ ماڻهو .... ماڻهن ۾ احساس ..... احساس ڪي ٻاهه، ٻاهه معنيٰ جنگ، جنگ آهي فطرت ..... جنگ ڪان هار ڪائي ڪارا ڪپڙا پاتا.

سج ٻير ڪان ايرندو آهي، محسوس ايئن ٿيندو آ، تہ چنڊ ماتري ڪان ايري ٿو. (اولهہ ڪان ماتري، پهرينءَ جو چنڊ اوڏانهن ظاهر ٿيندو آهي.)

اسان جي گهر مٿان پڪو رستو جهازن جو نهيل آهي ۽ هو روز ايندا ۽ ويندا آهن. جهازن جون ٻرندڙ، اجهامندڙ بتيون خيالن ۾ ٻوڏاري ڇڏينديون آهن.

ماتريءَ ۾ رهندي، رات جو منظر بہ ڳهائي وجهندو آهي. رات جو ٻيا پڪي ننڊ هوندا آهن پر ٽيٽيهر جاڳندي آهي، اتي اهو بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو آهي.

ڇو؟ ڇالاءِ؟ خبر ناهي؟

ماتريءَ تي ٻوئي ۽ ڪانڊيريءَ جو منظر بہ پيارو لڳندو آهي.

ڪو .... هڪڙي پيري، وڏيون وڪون ڪٽندي ٽڙ تي پهتو. ٽڙ تي ڪا بہ جاءِ خالي نہ هئي. جتان هو پاٽي پري پي سگهي. ان ڏينهن ڪان پاٽيءَ جي نشي جو احساس ٿيڻ لڳو.

هن هڪ نوجوان ڇوڪريءَ ڪي پري ٿيڻ جو چيو:

هوءَ پري نہ ٿي.

نہ ٿي.

نہ ٿي.

نہ ٿي.

ڇمات ڇوڪريءَ جي ڳل تي نشان ڪري بيٺي. هن پاٽي پيتو. .... معافي ورتي .... هليو ويو.

—

تي ٻار آهن ۽ ٻارن جي ماءُ!؟

ماءُ جو گهر حسين هوندو آهي! حسين ماءُ هوندي آهي گهر ۾! ..... مهراڻ جون ڇوليون .... ڇولين جو هٿ هٿ ۾ ملائي هلڻ، ڪناري سان ملي واپس ٿيڻ.

خوشي! ۽ خوشيءَ جا ٻيا سروپ.

مور جو نچڻ .... نانگ جو ڊوڙڻ .... هرڻيءَ جا چال .... ماءُ جو پيار .... پيءُ جي ڏنل خرچي .... رانديڪو ونڻ ..... ڪيڏڻ.

—

اسلام آباد کان موٽي اچي ٿو .... مريضن کي ڏسڻ .... پنهنجن سان ملڻ .... مهمانن کي چانهہ پياري، ڊائري کولي پڙهي، ۽ ان تي لکي ٿو.

’سٺي اخلاق سان سٺو ضمير پيدا ٿئي ٿو.

سٺي ضمير سان خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي.

۽ جن قومن وٽ سٺو اخلاق، سٺو ضمير ۽ خود اعتمادي نہ آهي، اها قوم ڪڏهن بہ صحتمند معاشرو پيدا نہ ٿي ڪري سگهي.

لِٻاڙي سياست، قومن جي وجود لاءِ ايتري تہ نقصانڪار آهي. جيترو سٺي زمين لاءِ ڪلر.‘

مهمان موڪلائي بس ۾ هليا وڃن ٿا، مان وينو رهيس، پاسي کان پيل شاپنگ بيگ کڻي، ان مان گدرو ڪڍي، ڪپي ٿو.

’وٺ ڪاڻ.‘

موٽ: هاڻي چانهہ پيتي آهي.

ڪلي چوڻ لڳو، ’توهان سياسي ٻوڙ ڪائيندا آهيو يا نہ .... ۽ مان تہ عشق جو پيش امام آهيان.‘

ٺهڪ گونجي ويا، تسيون ملي ويون.

هُو اڄ ڪونهي ڪو!؟

ڪٿي آهي؟

جيڪو اسلام آباد کان موٽي آيو، موٽي آيو تہ ڪيڏانهن ويو!؟ هن جي ڪا بہ خبر ڪانهي! .... اهو ڪٿي آهي!

هن سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي ..... هُو ڪونهي، هن جا ٽي ٻار آهن ..... ٻار ڇو ٿا روئن!!

ڇا انهن کي خرچي نہ ملي آ؟ ..... ڇا رانديڪو ڪونهي کيڏڻ لاءِ! هو آخر ڇو ٿا روئن ... ڪنهن جو انتظار آهي. شايد هن کي خبر ڪونهي! تہ سنڌ ماتا بہ ڪائيندي آهي! سنڌ ماتا جنهن ۾ هنن جو گهر آهي.

پوءِ انهن ننهي ٻارن کان ڇو ٿو لڪايو وڃي؟

ڇا انهن جو بابا اڃا اسلام آباد کان نہ موٽيو آهي؟

موٽيو تہ آهي؟

پوءِ ڪٿي آهي؟

جنهن گهر ۾ رهندا آهن، ان گهر جي آخري ڇيڙي تي هڪ مٽيءَ جو ڍير آهي. ان ڍير ۾ سڪون سان ستل ماڻهو ڪڏهن تہ ڳاڙهن گلن سان جهنجهيو پيو هوندو هو ۽ هاڻي ان تي ڪنهن گل جي سڪل پنکڙي بہ نہ آهي.

# سُڪي ٻيڙي ـ ڏکيو سفر

سانت.
در ڪولڄي ڪمري ۾ هلي آئي ـــ ۽ چوڻ لڳي: ’لکڻ ۾ ڪجھ بہ ناهي، لکڻ لفظن جي نوَٽڻ آهي.‘
يادون لڳاتار يادون ـ ڳل تي چپن جون لڪيرون.
در ڪڙڪيو، ڪنڌ تي ڪات ڪريو. چيم: ’اچو.‘ اچڻ سان گارين جي گيم شروع ڪيائين: ’تنهنجي چپيل ڪهاڻيءَ ۾ ڊائلاگن جو چڪلو هو ۽ لفظن جون وئشيائون هيون. سمجھ ۾ آيو تہ تون حرامي ڪهاڻيڪار آهين!‘
...... ٿشو پيپرن وارو پاڪيٽ فيلوسوفي گارين سان فل ڪري هليو ويو. اندر جو انسان ڏونڌاڙيندو آهي تہ روئي پئبو آهي!؟ نوان احساس ۽ خيال تڙپائيندا آهن!
هوءَ مون ڪان ڏھ سال وڏي! مان پنهنجو ئي پورٽريٽ ٺيڻ ٺوڪهران.
پر هوءَ ڳولي ويني جيون ساٿي ....!
’ڪنهن سان ٿو ڳالهائين!؟‘ هوءَ موٽي آئي ۽ منهنجا خيال ولوڙجي ويا ۽ ڪاپي ويس.
’ڏک ۽ سک جو پاڻ ۾ ڪهڙو رشتو آهي؟‘ هن جي ٻيھر پڇيل سوال ذهن گرهڻ محسوس ڪرائي.
’بس! ٻنهي ڪي زندگي جنم ڏي ٿي.‘
مسڪرائيندي چيائين: ’ڪهڙي شيءِ تي دل ٿي چوي!؟‘
مرڪ جي آخري تصوير چپن تي هيس.
’الائي چو؟ ..... صبح جو جيئرو ٿي ويندو آهيان.
سمجهان ٿو!
ـ سگريٽ
ـ زال
ـ ڪائنات
ڪينسر آهن!
آءٌ ٽنهي ۾ نہ ٿو رهي سگهان ۽ اهي ٽئي .... ڪان بہ وڌيڪ خراب آهن!
ڏسو .....
ڪوئل جا گيت،
ان جي آلاپيندڙ گيتن سان صبح جي ويل جاڳي پوندي آهي/ آهيان!
جيئن ڪوئل اڪيلي آهي،
تيئن مان بہ اڪيلو آهيان.
لاوارث سماج .. سماجي قانون، ٻنهي ڪي پناھ نہ ٿو ڏئي سگهي!
..... ڪوئل جو آواز مصور ڪي نوان رنگ ڏيندو آهي، آواز ۾ ڏاڍو دک اٿس، شايد هن جي من جي آس ڪڏهن بہ پوري نہ ٿيندي آهي!

هوءَ صبح جو آلاپيندي آهي، سر راڳ! هوءَ امن جي مورتي آهي ۽ منهنجي من جو گيت شاعر وٽ ڪونهي ...ڪوئل وٽ آهي!‘

هن جي چهري تي دک جا موهيڙا ظاهر تي پيا! مون چيو پئي:
’مان ۽ منهنجي زندگي بند ڪمري ۾ دکيل سگريٽ؟‘
’ڇو؟‘

سئاندريون ان ’ڇو‘ واري سوال تي! ڏنم. هن جي چپرن ۾ سنڌو نہ سمائجي سگهي! ڳل ٺئين تي وهڻ لڳا.

خاموشيءَ ڪي پٽر : ’توهان پنهنجو جيءُ ڏسو ....
آرٽسٽ دکن جي پولار ۾ آهي!‘
سکي ٻيڙي!
ڏکيو سفر!
سپنا: ٿوهر تي ڪٽڪڻ!
ڪاريهر جي ڪُهور!
.... ڪُتر جي مشين ۾ ڪپيل آڱر جو اڏ، گهوري تو ـ ننگي دنيا ڏي .....
سامنهن ....
بيل گاڏيءَ تي رت ۽ غربت جو لاش پنڊ ۾ ....!
ڪوئل جو درد
ڪوئل چواٽي!!

## عشق ڪرڻ سولو آهي!

نانو منهنجي اکين ۾ اکيون ملائي چوڻ لڳو: ڏؤر ڏؤر جي پنهنجي ڳالھ آهي، اڳي ايترا اسڪول ڪو نہ هئا، هاڻي تہ علم گهر جي سجاوٽ طور حاصل ڪيو وڃي ٿو.
ناني جي ڳالھ واري وائر ٽرڙي لائينمين جيئان ڪٽي پڇيومانس: نانا! پيار جي لاءِ توهان جو ڇا خيال آهي؟

مان تہ اڌ وهي هڪڙي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ گذاري ڇڏي .... عشق وري ڪهڙو، ڏهن ٻارنهن سالن کان پوءِ ’جواب‘ ڏنائين، مان اهڙي جو اهڙو ...
ڏاڍو ڪلياسين.
نانا! جائي ٿا چئو؟
تون ڪينءَ ٿو سمجهين؟
نانا! سڌي سئين مذاق آهي.
مذاق تہ مون سان ٿي جو پوءِ منهنجو عشق ڪرڻ کان اُرڏ ئي ڪجي ويو ... اڄوڪو عشق ڏاڍو سولو آهي.
نانا! اهو وري ڪينءَ؟
پُٽ! ڪنهن بہ ڇوڪريءَ جو فون نمبر هٿ ڪري، رسيور تي چپ رکي ٿا چون، سمجهہ تہ مان تنهنجي پرسان وينو آهيان، هاڻي اينءَ سمجهہ تہ گڏ ستا پيا آهيون. هاڻي تون اينءَ محسوس ڪر تہ منهنجا چپ تنهنجي چپن تي آهن. هاڻي تون هينءِ سمجهہ تہ ...... پوءِ جلدي فون رکي ٻئي ٻات ڏانهن ڊوڙندا.

نانا جاني!
جي.
نانا! ننڍڙائپ ۾ ڪهڙيون رانديون ڪندا هُئو؟
هيءَ ٻُجهارت بابا مون کي ڏني هئي: ’سيهڙ کان سُون گهڙائي ڏي‘ ڪيڏي نہ خوبصورت آهي ۽ پڇٽي اٿس.
اڪ ڪڙڪي.
ڏيئو ٻري.
سيهڙ وينو
سُون گهڙي.
بابا ڏاڍيون ٻُجهارتون، ڳالهيون ۽ ٽوٽڪا ٻڌائيندو هو.
نانا اهو وري ڇاهي؟
پُٽ! سيهڙ جي ڪل جهڙا ملائم ماٺهو سُون ٺاهيندا آهن، هيءَ انهن جي ڳالهہ آهي ... ٻي هڪڙي ٻُجهارت هئي. ’وچ درياءَ ۾ نور نچائي ڏي؟‘ پڇٽي اٿس، پڇٽي نہ اٿس، بس هڪ مقفا نظم آهي.
اَنُ ڏي.
ڌنُ ڏي.
پپل جو
پن ڏي.
پپل پراڻو
راجا راڻو.
سيتا ڍُڪي
چندن چور

وچ درياءَ ۾
نچي مور.
ڏِکِي ساھيءَ ڪان پوءِ ......
گھڻو اڳي .... ننيڙائپ ۾ .... ھڪڙي راند ڪندا ھئاسون.
انڪو: منڪو،
چانور چنڪو،
ڏِڏاڪ پيسو،
ٺڙيئڪ نس.
گھڻيون ئي رانديون ھيون. بس! ھاڻي تہ ياد ئي نہ ٿيون اچن.
نانا جاني! ھاڻي ڪھڙيون رانديون وڻنديون اٿوَ؟
ابا!
ھاڻي وارا ماڻھو تہ ماڻھپي سان ٿا رانديون ڪن.

## لاوارثيءَ جي سيٽ تي ھڪ جينئس!

وڏي شور واري شھر ۾ ھن خاموش انسان ڪان مون زوريءَ ڳالھرايو.

ھي محبوبائن جو شھر آھي، منھنجي وڏي ياءُ جي محبوبا بہ ھن ئي شھر جي آھي.
تون چوندين تہ پلا ھن شھر جي مردن جون محبوبائون ڪٿان جون آھن، آھن بہ يا نہ؟
ھتان جون ئي آھن!
وري چوندين تہ پلا ساڳيون تہ ناھن؟
ٻڌاءِ ھن دنيا ۾ ھڪ جھڙا گھڻا ماڻھو ٿيندا!؟

جيم خاني ۾ بہ مزو ڪونھي.
مفت جو مزو تہ زال وٺرائيندي آھي.

مون ڪي صاحبي نہ ٿي گھرجي.
ڪراڙي ...

تون وڃي مون ڪان بہ اڳي
پنهنجي لاءِ ڪجهہ وٺينِس.
ماڻهن ڪان نہ پن .....

ييلو ڪيب وٺڻي ئي پوندي.

هي لاڙڪاڻو نہ آ ؟
ماءُ جا ...... ڪراچي اٿئي
سول ماڻهو بہ ڪن ڪان وٺي
ڪاڻ ۾ تو هٽي.

موسمن کي ڀي قرار ڪونهي.
هوءَ تہ .....
ڪلهہ رات ڪان،
سپنا سمهاري وئي.
مرڪن جي شهر ۾،
سڏڪا سمهاري وئي.
...... ڳلن تي،
نشان ڏسي هوءَ .....
شيشا سمهاري وئي.
جڳن ڪان ها جاڳيل؛
سي رستا
۽ جذبا
سمهاري وئي.

تون چوندين تہ اها شاعري آ!
يلا ماڻهوءَ جي من ۾ شاعر پيدا نہ تو ٿي سگهي؟!؟
ماڻهو تہ تور ماپ جو ميٽر آهي.
ڏس!؟
جانورن ۾ طبقا ٿين ٿا؟
طبقاتي ڦيٿ تہ پاڻ وٽ آهي.
تڏهن تہ آدم ٽن پاڳن ۾ آ.
جيئنس.
مينٽل جيئنس.
غريب تہ فزيڪل جيئنس آهي.

## وجود جي تلاش ۾

مان اڪيلائيءَ جون رڙيون ڪندو تو رھان.
پوءِ بہ خاموش چو ھجان، نااميد چو ٿيان؟
مان خاموش آھيان؟ نااميد آھيان چو تہ اندران ئي اندر در بند آھي .... مان ڪن صدين کان در ڪڙڪائيندو رھان ٿو.
نيري اپ تي رنگن سان ڪير ٿو نوان نقش چٽي. چٽن ۾ چھرا آھن ۽ چھرن ۾ آٿت آھي روز اچڻ لاءِ. اجا ڪوئي ناھي آيو. چا پائيان !
آٿت، واري جھوپڙي ھوا جي جھلڪن تي اڏيل آھي.
انتظار شديد ٿيندو ٿو وڃي.
ڦٿڪان ٿو!
حسين خيال اونداھيءَ جي پيٽ ۾.
ھن جي ايندڙ رستي ۾ نظر کُتي پئي آھي. اچڻ جو اوسيئڙو آھي. ستارن جي جھرمٽ آھي. رات بہ تہ نري آ.
نہ آيو آ.
ھن جي گس ۾ اکيون.
ڏينھن وارا سارا سھيڙيل سپنا دکيل سگريٽ کان پوءِ بچيل تيليءَ واري باھ سان ساڙي ڇڏيان!
سئاندريون.
حراس

هٿ ڏڪڻ لڳا.
رات ڪي رات ڪان پيئُ.
ڏندن جي لامن تي لڏندڙ زبان ساخت.
سپنا سُري آيا.
صبح سان ڪويل ٻوليندي.
منجهند جو يادون هونديون.
شام اوسيئڙو آ.
ذهن اوچي چوٽيءَ تائين گم.
هن ڪي خبر آ.
مون ڪي پڪ آهي
نہ آيو هوندو.
شايد ڪو ڏک ڪٽي ويو آهي.
ڏک تہ مان ڪٽندو آهيان، ڏيندو ئي ناهيانسِ.
پوءِ هُو ڪٿان ڪٽي ويو.
هن جي ماڳ وڃان.
مون کي ماڳ ڪونهي.
هن ڪي هوندو؟
هُو بہ راتين جو رولاڪ آهي؟!
مون وانگر
ڳولهيندو آهيانسِ.
هُو ڪنهن کي ڳولهيندو هوندو!؟
آس هئي ملڻ جي، اُوڻتيهين رات آهي.
انتظار جي شدت ڪري راتين جو ساهہ گهٽجي ٿو.
شام وئي.
سنجها وئي.
پرهہ وجي ٿي پنهنجا وار ڪوليندي .....

تون تہ سمجهي ويو هوندين!

سوچيان ٿو:
هفت زبان هجڻ ضروري آهي ....منهنجي آفيس ۾ ڪيترا ئي ماڻهو آهن، انهن سان ڳالهائڻو ٿو پوي ـ پوءِ تہ هفت زبان ڪان ڳالهہ وڌي ٿي وڃي.
شاهہ لطيف ڇهن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هئي .... اکر پڙهہ الف جو ..... ورق ڀيا وسار ..... ڪلهوڙن جي دؤر جو وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو....
هجڻ تہ مغل جي دؤر جو ڪپي ....
خيالن ڪي اڌ ۾ رُلائي آفيس ۾ آيل سالي ڪي چانهہ ۽ بسڪيٽ واري ٽري سوري سندس ٽيبل تي ڊيڪارجنڌڙ مُنهن واري هنڌ رکيو ..... هُو صرف ئي منهنجو سالو ئي ٿيندو آهي .... ٻي ڪا بہ رشتيداري ڪونہ .....
چانهہ کان پوءِ
مان: توکي ڊرائيور رهائش تي پهچائيندو ....ٽيستائين ڪلاڪ اڌ ۾ مان بہ اچي ويندس.
ـ تنهنجي مرضي.
مان: ڪجهہ ونڻو اٿئي ڇا؟
ـ موبائيل لاءِ ڪارڊ ونڻو آهي؟
مان: ڪهڙو؟
ـ JAZZ وارو.
مان: پٽيوالي کي چوان ٿو، آڻي ڏيندءِ.
گهنٽي.
پٽيوالو: جي سر!
مان: سُنو ايڪ جاز ڪا تين سئو والا ڪارڊ لي کر آ .... سيڪريٽري سي پيسي لي جانا .... جلدي .....
هُو ويو .... بعد ۾ ڊرائيور دروازي جي سامنهن اچي بيٺو ۽ مون شيشي مان .... هٿ جو اشارو ڪري، گهرايم.
مان: گاڏي ڪِٿون اي؟
ـ اِتي هي.
مان: تيل هيسِ؟
ـ جي.
مان: اين ڪر غلام (سالا) کُون گهر ڇوڙ ڪر .... بورچياڻي کُون آکِين، ماني تيار ڪري ..... رستي نا گوشت ڳِڍي وڃ ....
ـ بورچياڻي آکِي پئي، ڪوڪنگ تيل پي ڪوني ئي.
مان: چڱا، غفار کان ڳڍي وڃي.

سالو اڳئين پيري چوي پيو: ٽيڪجي ويو آهين، جو چار نوڪرياڻيون رکيون اٿئي.
مان: هن شهر کي تون نہ ٿو سڃاڻين ..... تڏهن ٿو چوين!
ـ ڳوٺ ڏي ڇا موڪليندو هوندين، سڀ پرائن مائن تي خرچ ٿو ڪرين.
مان: اهي نوڪرياڻيون نہ .... بورچياڻيون آهن!

- هوءَ ڪرڙ وَڍِ؟
مان: اها رڳو ماني ڪندي آهي .... جڏهن مون هن کي رکيو پئي تڏهن ئي هُن چيو هو تہ مان صرف ماني ڪندي مانءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ .....
- هوءَ وڏي وات واري؟
مان: اُها چانهہ، پاڻي آڻي ڏيندي آهي.
- ۽ هوءَ نيري رئي واري؟
مان: اها ٿانوَ ڌوئيندي آهي ۽ گهر جي صفائي پڻ.
حيرت مان پڇائين: ۽ هوءَ ......؟
مان: اها بہ بورچياڻي آهي.

منهنجو دوست ذولفقار: يار ساري جڳ جا سور ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي ڦٽن کي Dressing ڪرائڻ وسري ٿي وڃي.
مان: پر مون کي ايمانداريءَ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي.
- دوستن سان ڪوڙ ٿو ڳالهائين؟
مان: توسان ڪڏهن ڳالهايو آهي؟
- نہ
مان: اعتبار ڪر .... تون هُونءَ سمجهہ!
- هونءَ معنيٰ؟
مان: ائين جينءَ هڪ پيري فقهي مولويءَ چيو: يار شهپر تہ نديا ڪراءِ، ايترا نديا هجن جينءَ واتہِ نہ پون. مون چيومانس - تون سمجهہ مون شهپر نديا ڪرايا، وات ۾ ٻيهر نہ پوندا ۽ ..... جي رشوت، غريبن جو رت ..... ڪفر واري گفتگو ۽ گار، وات ۾ پئجي وڃي تہ پوءِ ماٺهو ڳيت ڏئي .... هيٺ ڪري ڇڏي ..... هاڻي تون ٻڌاءِ تہ شهپر وات ۾ پون يا رشوت ۽ ٻيو .....
- ڇا چيائين؟
مان: ڳِگ ٿي ويو.
- منطق جو تہ ماهر آهين!
مان: اڳي کان گهٽ ....
- تازي صورتحال لاءِ ڇا ٿو چوين؟
مان: سچو ڪو بہ ڪونهي ..... جنرلن کي پنهنجو ميجالو آهي ئي ڪو نہ .... مٿان جي حڪمن تي هلن ٿا .... عوام کي مئل ردِ ٿا سمجهن .....
- تون ڪينءَ ٿو سمجهين، ڊيم نهندو؟!
مان: 1936ع ۾ سنڌ بمبيءَ کان ڌار تي تڏهن بہ واڳ والي ٻيا تيا .... اِهو ڊيم ملڪ کي ڳيا ڳيا ڪرائيندو ..... جنرل بہ ان ۾ راضي آهي شايد ..... سنڌ جي حڪومت ساڳي استحصالي قوتن جي حوالي ٿي ويندي .... وري هڪڙي وات بچي آهي پوري دنيا ۾؟
- ڪهڙي؟

مان: عوامي جمهوريت واري واٽ .... پر تون سمجھي ڇڏ ... پوري دنيا جي مٿان مهاجرن جي حڪومت قائم آهي. اينءِ سمجھ تہ پورن جي مٿان حاڪمِ ڪارا.
ـ ٻُڌ .... ڪتاب جلدي موڪلجانءِ بي پيري ان موضوع تي کُلي ڳالهائي سگھنداسي.
مان: ڪهڙي ايڊريس تي؟
ـ هن ايڊريس تي!

ذولفقار
جهوريت بازار ـ جنرل جو دڪان.
سنڌ جي پلائيءِ وارو ڪاٽو ـ اسلام آباد.

## انڌاري ڌرتي ـ اپ انڌارو!

عڪس! ڦٽڪندو ڦٽڪندو، نچندو لڇندو اچي سامهون ڪري پيو، جيڪو ٻيهر نہ ڪٽي سگهيس. ۽ سوچن جو مينار وري اُپريو. نون رنگن سان پريل جملا زبان سان ٽڪرائجي ذهن ۾ چرپر پيدا ڪرڻ لڳا.
سانت ڇي وئي!
نڙي گھٽجڻ لڳي. پوءِ ياد آيو، انسان ہ هڪ اعليٰ قسم جي چوٽِ آهي. هر ڏينهن وانگر اڄ ہ ڪو ڦٽڪي رهيو هو ۽ هزارين ماڻهو بينا ڏسن پيا. ڪنهن پڇڪيو: هي ڪيئن ٿو موت جو شڪار ٿئي؟؟
ڇا هي ہ آهن؟ تہ پوءِ هي سڀ هُو آهن، جيڪي گڏهہ چلُ ڪائيندا آهن ۽ ..... دنيا جي ننيڙي ڪان ننڍي شيءِ، جيڪا بند آهي، ڪنهن ہ ان جو اندر نہ ڏٺو آهي. ۽ جي اندر ڪجھ آهي تہ پوءِ ان ۾ ڪنهن جانور ضرور پيار اوتيو هوندو ..... حقيقت جي ڪوڙ سان مِٽي مائٽي ٿيندي؟ تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟
ڪي وحشي! معصوم شهرن ۾ خون پيا ڪن، ڪن ڇا، ڪيائون ٿي! ان قتل ٿيندڙ جي رهيل ڪتنب سان ڪنهن ہ عذرخواهي نہ ڪئي آهي، شايد سڀ خوني قاتل آهن!؟

’انهن سيني مري ويلن جو وڏو منصوبو اهو هو تہ هن دنيا ڪي چند منٽن ڪان بعد دفن ڪن ها!‘ (اخبار)

’سڀ هٿياربند، سڄي  ملڪ ۾ قوم ۾ گھوٽالو پيدا ڪندڙ هئا ۾ خاص اطلاعن ذريعي انهن سڀني کي حڪومت وڏي اٽالي سان گرفتار ڪري مارايو ويو ... معاف ڪندا ـ سخت مقابلي ۾ مارجي ويا.‘ (ٽي ـ وي)

’هي نون ماڻهن جو ٽولو جيڪو ٻاهرين ملڪن کان ٽريننگ ڪري آيو هو. انهن سڀني پنهنجو پاڻ حڪومت آڏو آپگھات ڪيو.‘ (ريڊيو)

’اُهي سڀ ماڻهو نہ ڪنهن سياست مان ڄاڻندا هئا ۾ نہ ڪنهن ڏوهاريءَ سان سنگت هئن. فقط انهن سڀني کي ڪنهن وڏيري جي چرچ تي ماريو ويو آهي.‘
’ادا! سڀاڄهاٰ، سناٰ، غريب چڄ هاري هئاٰ. انهن کو بہ اهڙو ڪم ساري زندگي نہ ڪيو جو پاڙي ۾ هنن کي ڪوئي هئہ پٽيان ڪري، باقي ريڊيو يا ٽي ـ وي جيڪو ڪجھ ٻڌايو آهي، اهو سڀ ڪجھ غلط ٻڌايو اٿن، ادا پاڙي ۾ وينا آهيون، بس غريبن سان ظلم ٿيو آهي.‘ (ڳوناٽن جو خيال)

’او بي شرمو!
بي حيائو توهان کي پنهنجا ٻچا ڪونهن، پائر ... پٽ ... پيءُ ڪونهي ڇا؟ پوءِ اسين بہ انهن کي .... ۾ توهان برداشت ڪندءُ ۾ اسان کي چوڻ آيا آهيو تہ ...(روئي ڏنائين) پيسا ونو، پٽ، مڙس وساري ڇڏيو .... اسان جا هتان جيئرا وني ويا آهيو ۾ اسان کي مٽيءَ سان پري رت سان ڳاڙها ڪري .... جسم جو ذرو ذرو چچري ختم ڪري پوءِ اسان کي واپس ڏئي ويا آهيو!!‘  (مائرون)

او ابا!
انهن ظالمن جو خدا برو حشر ڪندو .... دانگيءَ سان منهن ڪارو ٿيندن .... وو ابا ..... وو .... منهنجا گھوٽ ابا .... منهنجا لال ابا .... ابا .... ابا .... دشمنن جا ڳيرو بہ گولين مُنهن پوندا .... ابا مون سان ظلم ڪري وئين، او ٻچا ڪنهن جي سهاري ڇڏيون وجي ٿو. او ابا هاڻي مان ڪينءَ جيئندس، وو گھوٽ ابا. منهنجي لاءِ تون سُڃ ڪري وئين. ابا او .... وو .... ابا وو ....‘  (ماءُ جو پارُ)

حقيقت مجڻ لڳا.
’اهي سڀ ماڻهو سنا هئا، بهترين هئا، ڪو بہ ڏوهاري نہ هو، نہ ئي ڪنهن ٽريننگ ڪئي هئي نہ وري دنيا ختم پيا ڪن، نہ هي اهڙا ماڻهو هئا ۾ نہ آهن. اسين سڀ اوهان کان معافي ٿا گھرون ۾ ڪجھ رقم اوهان کي معاوضي طور ڏيڻ آيا آهيون.‘ ( سرڪاري آفيسرز)

’ڪمائي ڪائڻ ڏوھ آهي ــ مزوري ڪرڻ فريب آهي، تہ پوءِ ٻڌايو تہ ڇا ڪريون؟ چوريون ڪيون ــ ڌاڙا هڻون ـ يا توهان وانگر پيسن تي ماڻهو قتل ڪريون. اهو اسان کان نہ ٿيندو.

صدين کان وني مائون، ڏيئون، زالون اگهاڙيون گذارين ٿيون، توهان انهن کي پائڻ لاءِ هينئر تائين ڇا ڏنو اٿوَ، ڪجهہ نہ ڏنو اٿوَ، ڇا ڏيندءُ.ڇا ڪارائي سگهندءُ.
ڪيترا پيسا ڏيندءُ! انهن جا خون نہ پري سگهندءُ!
هن سڄي دنيا جا ڏوڪڙ هڪڙي پاسي، هنن جي جسم جو زنده وار هڪڙي پاسي!
هر حساب ونبو!
اسين پورهيت آهيون!
اسين مزور آهيون!
اسين غريب آهيون!
غريبن جي هچا پوندوَ ...
غريب ٿيڻ ڪو جرم ناهي ... پر توهان جي منهن تي سدائين دانگي رهندي!' (مائرن جا پاراتا وڏي واڪ)

مائرن جون ڇيون،
اپ ڏانهن اپيون.
۽ اپ انڌارو هو!

## پَگل تالو

بيل تي آگر.
چُڪ چُڪ چُڪ چُڪ.
دروازو کُليو. پير اگڻ پار ڪري وراندي ۾ پهتا.
سويل فون ڪيمرۡ نہ هئينءَ؟
فيملي آفيس وئي هئم.
هُون .....
توکي ڪو اعتراض؟
هن وقت پوري دنيا اعتراض جوڳي حالت ۾ آهي!
تون تہ هميشہ اعتراض واري پت تي بيٺو هوندو آهين!

نرڙ تي گھنج موتائيندي
پاڻي طلبيائين.
سڀ ڪجهہ طلب ڪرائيندي آهي.
طلبي تہ ورتائين.
زال.
نوڪري.
ماني.
پر هاڻ تہ نہ ٿو ڇڏي سگھي.
رات دير ڪان پوءِ.
(رات گناهن جي ماءُ آهي.
ڏينهن جو بہ جرم ٿين ٿا. ڏينهن وارا جرم باسبا بہ آهن، باسڻ بهادري آهي، اهڙي بهادري نڪ ڪٽڻ جهڙي نہ هوندي آهي.)
لبنيٰ!
جي.
مان خانداني عزت، دوستي، آفيسري، پاڙيسرائپ ۾ خوار ٿيندو ٿو وڃان.
مون تہ توکي ٻڌائي ڇڏيو هو نہ، شاديءَ ڪان پوءِ.
گھر وارن کي ناراض ڪيم تنهنجي ڪري؛ اهو گھر ڇڏيم تنهنجي ڪري .... موت ۾ ....!
توکي تہ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ملي ويون آهن، مون کي ڇا مليو آهي؟!
ڪاميابي جي ڪونجي تہ حاصل ڪري ورتي اٿم پر تالو تہ پڳل آهي.
پڇتاءُ.
اکيون شرمساريءَ ـ هيٺ.
هيرَ:
سئوٽ.
ڳيرو ڊاڪٽر.
سڀ لبنيٰ واري ياد جي ڏاکڻ تي.
اُجهڪا:
(لبنيٰ جي مڙس کي)
شادي پنهنجي خاندان مان ئي ڪرڻ گھرجي.
ھھڙو گند تہ نہ ٿيندو، گندگي تہ هر هنڌ آهي پر ماڻهن کي ڏپ نہ ايندي آهي، الائي ڇو؟
دولت جي ڇانوَ ۾،
ماڻهپي جو مُنهن ڪارو.
ڇو تہ ڊسٽ بن آهي عورت.

# ڪچا آنا

اسپتال اندر گهڙيم.
ڊاڪٽر سان مليس ان چيو:
ان ڪان وڌيڪ اسان وٽ ڪوبہ اعلاج ڪونهي، اوهان ڪي صحي ٻڌايان تہ هن انجيڪشن هٽڻ ڪان پوءِ هو جلدي ..... ان ڪان بهتر آهي تہ مريض ڪي گهر وٺي وڃو، باقي حياتي گذارڻ ڏيوس.
مون ڪي ڪهڙي خبر!! اها انجيڪشن تہ پروفيسر لکي آهي.
ان حالت وارن مريضن ڪي سُئي هٽبي آهي.
ڊاڪٽر جي آفيس ڪان ٻاهر اچي ڪائونٽر جي پرسان پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي سوچڻ لڳس.
اوهان هت ڪينءَ؟
اکيون کنيم تہ سلام ڪيائين.
ڪنڌ ڌوٽي جواب ڏنومانس.
اوهان خير ۾ آيا آهيو؟
پيشنٽ ڏيکارڻو هيو.
جي پيشنٽ نہ ڏيکاريو توَ تہ هت پاڙي جي ڊاڪٽرياڻي آهي، ان ڪي چوان!؟
هاڻ.....چا ڪنديون آهيو؟
ميڊيڪل ۾ پڙهندي آهيان.
ميڊيڪل ۾!!؟
جيءَ ها.
ڪڏهن ڪان؟
فورٿ ييئر ۾ آهيان.
ڪٿي رهنديون آهيو؟
مارئي هاسٽل ۾.
نہ گهر پڇيو اٿم؟

ستي.

ڪوڪم؟

ڊاڪٽر خير النساءِ ڏي آيم، ڊاڪٽر صاحبا جا پروفيسر ارجن داس سان سنا واسطا آهن، چوانس تہ پروفيسر کي منهنجي واءِ واز لاءِ سفارش ڪري.

چئبو سفارش کان سواءِ ....

اسان جي ڪاليج ۾ وڏن ماڻهن جا ٻار ٻہ ڏاڍا تا پڙهن، سفارش کان سواءِ پاس نہ تا ٿين، اسين تہ غريب آهيون.

چئو تا ڪاليج اسان جي آهي، تڏهن ٻہ .....

عينڪ اکين تان لاهي، ٽشو پيپر سان اکيون اگهي مرڪڻ لڳي، مرڪڻ سان ڳٽن تي چگهہ پيس.

ڊاڪٽرياڻيءَ جي چولي جي ڳچي وڏي آهي، مون کي تہ نچ پئي اچي. نچ اچڻ جو ٻيو تہ سبب ڪو نہ هو، پر هُن جي ڇاتيءَ کي ڏسڻ کان پوءِ سيڪس جي نچ.

ڏاڍو ڏک ۾ وينو هيس، مريض تي سوچيان پيو، پر حسن تہ وڏا ڏک ٻہ مٽائي ٿو ڇڏي.ٿوري وقت لاءِ.

سال کان پوءِ تہ اوهان کي ڪاليج مان موڪل ٿيندي؟

جي. ها.

هاسٽل ۾ رهندي مزو آهي يا گهر ۾؟

گهر تہ ڏاڍو پيارو آ پر هاسٽل ۾ رهڻ جومزو ئي وري ٻيو آهي. زندگي ڏاڍي ٿورڙي آهي، مزن لاءِ .... پر هاسٽل لائيف ۾ تہ سڀ جِهرندا آهن!

ٿهڪ ڏيڻ کان اڳ چپن جا ياڪر نڪري ويا.

.....ڪاليج کان پوءِ تہ وڏو مسئلو ٿيندو نوڪريءَ جو؟

چوڪري تہ پاڻ ئي آهي، نوڪري ٻہ ملي ويندي چو تہ ايم بي بي ايس پاس هوندينءَ.

عادت:

سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس قميص جي پاسي واري کيسي مان. عادت عضوو آهي انسان جو. هي عادت ٻہ ڏاڍي ڪني آهي.ڪنو عضوو ڪپڻ گهرجي. پر مان اجا تائين نہ ڪپي سگهيو آهيان ۽ نہ ڇڏي سگهيو آهيان.

سگريٽ دکائڻ وارو هئس تہ گارڊ چيو:

سر! سگريٽ پيئڻ جي منع آهي.

سگريٽ پيئڻ لاءِ اتس تہ ڊاڪٽرياڻي ٻہ مون سان ٻاهر هلڻ لڳي.

سال ۾ ڪيترا ڊاڪٽر نڪرندا آهن ڪاليج مان؟

ٻہ اڍائي - سئو، پر انهن مان ڪوڙ بي مرد هوندا آهن!

اوهان جي هاسٽلن ڏانهن ڳيرا ايندي ڏسندو آهيان ....!

بلڪل ڳيرا اچن تا ڪن قُمرن ڏانهن ۽ قمريون آري تي ويهڻ کان اڳ آنا ڀچي ڇڏينديون آهن!

# بوٽ جو خطاب

انگلش بوٽ
ارماني شوز
سروس شوز
ڪيٽ واڪ شوز
ڪائو بواءِ شوز
باٽا شوز
وديو فرانس شوز
نائيڪ شوز
جاگر شوز
چائنا شوز
يوٽ فل شوز

۽ ٻين بوٽن جي اجلاس ۾ شموليت.
خبر ئي نہ پئي تہ سيني بوٽن سلامي لاءِ زمين کي لوڏي ڇڏيو.

شڪايت ـ احتجاج.

هي انسان ناهي جو مونکي پائي ٿو ....ٽڪي جونوڪر بہ بات ۾ استعمال ڪري ٿو ....گپ تي گھمن يا ڈامر تي ..... ايترا بي حس آهن ماڻھو ـ پاڻ جھڙي بي ماڻھوءَ کي ڏک هٽڻ لاءِ بہ منهنجو وڌيڪ استعمال ڪن ٿا.
مون کي پورهيت جي پيرن ۾ سک ملندو آهي ۽ دل چوندي آهي تہ ماڻھپي جي توهين ڪندڙ جي مُنهن تي ستو رهان هميشہ .
گرميءَ ۾ پائن ـ سرديءَ ۾ پائن ـ بس پائيندا ئي رهن ٿا ـ پائڻ هنن جي پيءُ جي ملڪيت آهي ۽ مان اينءَ ئي بنان پالش جي سڙندو سُڪندو رهان ٿو ـ سڙڻ ۽ سڪڻ لوهي محفوظ ۾ لڪيل آهي منهنجي لاءِ ـ
جيڪي پاڻ کي مهذب سمجھن ٿا. اُهي بہ منهنجي معاملي ۾ ڪڏهن بہ سنجيده ناهن ٿيا.
پاڻ سان ٿيندڙ سيني بوٽن وارتائون بيان ڪيون.

اجلاس جي آخري تقرير ڪندڙ بوٽ چيو: توهان جي ڪهڙي عزت آهي ـ توهان ڪي تخليق ئي ان لاءِ ڪيو ويو آهي ته جينءَ پيرن ۾ پاتا وڃو ـ توهان پاڻ ڪي ڪجهه سمجهڻ لڳا آهيو ـ جنهن جي ڪري هي اجلاس ڪوٺايو آهي .

توهان پنهنجي اصليت سڃاڻو ـ پٽر، چمڙي، جهالت، بادشاهت، شهنشاهيت، جمهوريت وارو يا ڪو ٻيو دؤر هِن ڌرتيءَ تي رهيو آهي. انهن سڀني ۾ بوٽ بوٽ ئي رهيو آهي.

هن جديد دؤر ۾ بادشاهه، شهنشاهه، جهموريت جا علمبردار ۽ ٻيا حڪمران پنهنجي ماتحت رهيا آهن ـ هن دؤر جا ماڻهو اسان جو غلط استعمال ته ڇا؟

هُو سياستدانن، مذهبي ماڻهن، دوستن ۽ دوستن جي زالن ڪي غلط استعمال ڪري رهيا آهن ته توهان ڪهڙي حيثيت ٿا رکو ـ پر پوءِ به اسان کان سواءِ ڪجهه ناهن ـ

منهنجي ننڍي اشاري سان عدليا کان وٺي سيئي ڪم ڪاريون، اجلاس ملتوي يا برقرار رهن ـ منهنجي راءِ ڪي وڏي اهميت آهي ـ مون جڏهن به چاهيو آهي ته حڪمرانن کان وٺي ملڪي سرحدون تبديل ڪريان. توهان ڪي ان لاءِ گهرايو اٿم ته سڀ ڪجهه پنهنجو آهي، ننڍڙن مسئلن ڪي نه اٿاريو ـ

هن وقت دنيا ۾ جيڪي به مسئلا اٿيا آهن ـ انهن سڀني مسئلن لاءِ اٿندڙ آواز پاڻ بند ڪري ڇڏيا آهن ـ ڊگهي موومينٽ، سياسي، مذهبي چرپر آهي اُها به پنهنجي عقل کان متاثهين ماڻهو جو ڪم ڪونهي ـ هاڻ پاڻ ئي ڏاها آهيون ـ

خطاب ڪري ئي رهيو هو ته هڪ شخص پيرن ۾ پايون هليو ويو ۽ سيئي بوٽ وات پٽيون ڏسندا ئي رهجي ويا.

## نندُ جي مُنهن تي چمي

اُبتا پير ڪٽندا آهن پيري.
پنهنجن وڏن جي پيرويءَ ڪري تباهيءَ کان سواءِ ڪجهه ناهن ڏسندا.
تڏهن لاچار تي ـ ڪُپوت پنهنجي راهه ڳولهيندا آهن.
تاريخ شاهد آهي؟
دنيا واريون سڀ ترقيون، انهن جون ايجاد ڪيل آهن!
ڪنهن جون؟
جن ڪي معزز خطاب سان نوازيندا آهن.
سموريون پريشانيون.

سيني دکن.
سيني غمن جو اصلي ڪارڻ؟
جهالت/ اڻ واقفي آهي.
صدين جا،
ماريل، چيپاتيل، چباڙيل دماغ گهڻو غور ڪري پريشان ٿيڻ بدران شارٽ ڪٽ ڪندا آهن؟
تڏهن ماڻهن آڏو ذليل ٿي خودڪشيءَ ڪان سواءِ حل نه ڏنو اٿن.
جيڪڏهن خودڪشي نه ٿا ڪري سگهن ته پوءِ موسمن جي ڪوري ۾ سڙندا، مرندا، جلندا ۽ جيئندا رهن ٿا.
انسانيت، ڪبابيءَ جي ريڙهي مٿان.
اي نظريا؟
اي ماڻهو؟
ننڊ مان اٿي؟
ماڻهپو غلام ناهي ٿيندو.
غلاميءَ مان جان ته نه ڇڏائي اٿئي.
سمجهه ڪر.
ڪجهه سمجهڻ به آزاديءَ جو اهڃاڻ آهي.
هيتري روشنيءَ هوندي به تون ــ اجا تائين سڪل تور جئان ٽنگيل آهين.
مان ٿو چوان!؟
دنيا جي هينئين پاسي وارا ماڻهو مٿو مٿي ڪري هلن ٿا چو ته مٿيان اجا مٿي نه ٿا وڃي سگهن ــ مٿاهين ايستائين آ.
اسين وهمي آهيون ـ
ڌرتي وهمي ماڻهن جي آهي.
قومي ٻوليءَ ۾ حرف ڪيترا آهن؟
ايم ـ اي پاس ڪان پڇيم.
چيائين: خبر ناهي!
پڇندو رهيس زندگيءَ جي سيني شعبن وارن ڪان؟
سيني جو ساڳيو جواب: خبر ناهي.
ڪاڄ تي ويا آهيون يڪسانيت جو.
موت يڪسانيت آهي!؟
پوءِ ته پيدائش به يڪسانيت آهي!؟
يا مون ڪي ڪجهه نه ٿو اچي؟
ڪجهه به نه هجڻ واري ڪي سُڄو چئبو آهي!؟
’سُڄو ماڻهو پيٽوءَ جي آچار.‘
موت به پيٽو آهي ـ مون ڪي ٿو حاصل ڪري!
نڙيءَ تي ننهن ڏنو ٿ مانس.

ننهن کي ڏند ڪٽي آهن ـ جو چڪ پويس.

## گُرگِلي

انگريز وڏو حرامي هو.
انجنيئر کي ڳالهين ڳالهين ۾ چيم: سکر واري پل کي چوهٽ در پوڻ گهرجن ـ
هن منهنجي ان ننڍڙيءَ ڳالھ کي نکرائي ڇڏيو.
توهان چوندءُ .
منهنجو ڇا؟
مان تہ پنگي آهيان
آواز ۾ ڪوڙها.
منهنجو پيار آهي گُرگِليءَ سان.
سکر بہ منهنجو.
در پڻ منهنجا.
پاٽي پڻ منهنجو.
گُرگلي بہ منهنجي.
گوري کي چيم : ٻتيھ ڏند هن جا ـ ٻتيھ منهنجا ـ
پهريان تہ اسيءَ جي قريب پيو آٽي ـ
ڳالھ سمجهي ويو.
نہ سمجهي سگهبو.
مون هن سان پيار جي شادي ڪئي پر مائٽن ذليل ڪيو ڪيترو .
اوهان جي زبان ماٺهن کي ڏنگي ٿي ـ
اسان ڏندن سان ڪنهن کي بہ چَڪيو ناهي.

## ڪائنات

’هيڏي اچ‘
’چو‘

تڙپ
’اچ تہ سھي!‘
’چو اچان؟‘
’اچ
منھنجي اکين سان اکيون
نک سان نک
۽ چپن سان چپ ملاءِ.‘
’ھُون‘
’اجا بہ ويجھي ايندينءَ تہ ڪائنات جنم ونندي.‘

## من ڪان ننھن تائين

اونداھي رات آھي! ذھن جي جھوليءَ ۾ ھزارين سوچون گڏ ٿيون آھن. خوشين ڪي ياد ڪندي روئڻ پيو چاھيان. اکين ساٿ نہ ڏنو .... چپ خشڪ ٿي ويا، ڪرسيءَ تان جھڪ ڪٽي پاٽيءَ جا بہ ٿي ڊِڪ پيئڻ لڳس.

ماضيءَ ڪي ياد ڪرڻ پئي چاھيم چو تہ ايڪانوي واري جنوري منھنجو سونھري مھينو ھو . اُن ڪري جنوريءَ جي ھر اربع تي پاڻ سدائين گڏ ھوندا ھئاسين ..... شايد اھي ڏينھن ڏار رھي بہ نہ پئي سگھياسين!

چند ڪڙي پيو ـ رات جي پيٽ ۾ ڪنھن ڪمري جو در جڻ اسان لاءِ ئي ڪليل ھو.

ٻيانوي جي جنوري منھنجي لاءِ ھڪ وڏو عذاب آھي ـ مون ڪي ماضي اينءَ لڳو جينءَ نوجوان عورت ڪي ڪارو چولو پاتل ھجي ـ لفظن ساٿ ڇڏيو، نڙي ..... ڪوسا ڳوڙھا اکين مان ڪري پيا!!

چا اھو گھر ڊھي ويو!؟
اھو ماڻھو مري ويو؟؟
چا درن ڪي ڪلف لڳي ويا!!؟
رستا بند ٿي ويا!؟

انھيءَ ڪمري ۾ مان ئي اڪيلو آھيان. ميڻ بتي ساٿ ڇڏي ڏنو ـ سياري جي رات ڪي مان نوٽ تڪر جيئان ڳورڻ لڳس.

اوچتو خيال آيو.
فون ھجي ھا.
مني ماڻھوءَ سان ڳالھيون ڪيان ھا.
ضمير ڏونڌارڻ لڳو.
منٺ منٺ عذاب ـ گھڙي گھڙي زھر ـ پل پل ڪڙي زندگي

شبنمي اکيون .... ڳتا گلاب جا .....
اکيون نارائڻ شيام جا غزل
زبان موھن ڪلپنا ـ چھرو چنبيلي ـــ وار جينءَ پٽ تي ناچ ڪندڙ مور جون سَريون.
خير ننھن تہ بچي ويو پر ان ڪان پنھنجو من بچائي نہ سگھيو آھيان.

## هڪ ڏينھُن زال جي يار سان

دل چوي تي پڙوي ڪي گولي ھٽي چڏيان ـ ڪافي پيرا تيار بہ تي ويس ـ الائي چو .... اينءَ ڪندي رھجي ويس.
ڪڏھن ڪڏھن جي سامنھن اچي ويندو ھو تہ باھ لڳي ويندي ھئي.
مان صرف ماڻھن جي ڪري سلام ورائيندو ھئس .... گار ضرور ڏيندو ھو مانس، سلام ڪان پوءِ ..... مون ڪي محسوس ٿيو تہ ھُو منھنجي زال ڪي چاھيندو ھو ـــ چو تہ ھوءَ گڏ پڙھندي ھئس.
مائٽن جي تڏي تي وينا ھئاسين.
موضوع تہ الائي ڪھڙو ھو ھن ھڪ جملو چيو : ’اسان ڪي اھو سمجھڻ گھرجي تہ اسان زنده ئي ماڻھن جي ڪري آھيون ـــ نہ تہ زندگي فضول آھي فضيلت ان ڳالھ ۾ آھي تہ زنده رھڻ ڏنو وجي ۽ عورت ھوندي ئي ماءُ آھي، باقي رشتا تہ مرد تو جوڙي ھن سان.‘
شرمساريءَ مان ـ
بي اختياريءَ مان ـ
اھڙي ماڻھوءَ ڪي نہ مارڻ ڪپندو آھي.

## جنس

ھن جي چپن تي مٽ نہ مائي ھوندي آھي.
منھنجي ھٿ ۾ ڪتاب ’خواب نامو‘ ڏسي مائيءَ ڪي اچلائي چڏي تو.
سمھڻ لاءِ جاءِ ڪونھيس پر ڪتابن لاءِ اٿس.

ڪتاب پوري ڪرڻ ڪان پوءِ ــ
هن سعيده ڪي ڳِتي تي ٿڦڪي هڻندي پڌرو ڪيو:
هر ڪتاب منهنجو دوست ناهي!

## ناول

’ڌيءَ نہ روءُ‘
’آپا تازو بابا جو ديٺ .
ڳوڙها اگھندي.
منهنجي مورڻ ڌيءُ مرڪ پنهنجي پهرين سالگرھ تي مري وئي .... ان ڪان پوءِ سرفراز ٿيو .... وڏيون اميدون هيون .... پوليو ٿي پيس.‘
’ڏاهي ٿيءُ
نہ روءُ ــ شل مالڪ راضي هجي.
ڍنڍڪر ڏيندي
نہ تہ بيهر نہ ايندي ماڻءِ .... صبر ڪر.‘

ـ

’ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟‘
’آپا هفتو اڳ ٽيسٽ ٿي هئي، ان ۾ ڪينسر ٻڌايو ٿن.‘
’تنهنجو مڙس ڇا ٿو چوي؟‘
’اهو پاڻ پريشان آهي.‘

ـــ

پيشن جو چيائيس:
’امان مان هاڻي هلان‘
پيرن تي رئو رکندي.

’پليز امان کي نہ ٻڌائجانءِ ـ پريشان ٿيندي،
چئجانسِ مان ٺيڪ آهيان.

## جيون پلازه ۾ هڪ رات

ـ نہ وڻندڙ شهر؟
گوليون ٺهڪ ڏين؛
۽ ماڻهو جت ڪلين شيو آهن.
ـ نہ وڻندڙ ڪتاب؟
جيڪو منهنجي نظريي جو نہ هوندو آ.
ـ نہ وڻندڙ شاعر؟
جنهن جي تخليق کي پوليو هجي ٿو.
ـ نہ وڻندڙ ڪهاڻيڪار؟
تون!
ـ نہ وڻندڙ سياستڪار؟
غدار
ـ نہ وڻندڙ عورت؟
عورت هر روپ ۾ وڻندي آهي.
ـ نہ وڻندڙ رشتو؟
فرضي.
ـ نہ وڻندڙ موسم؟
چوٽين!
ـ نہ وڻندڙ رنگ؟
ڳاڙهو!
ـ نہ وڻندڙ اخبار؟
ساڃي ڏر واري.
ـ نہ وڻندڙ ميوو؟
پپيتو.
ـ نہ وڻندڙ خوشي؟
شاديءَ لاءِ قرض جي درخواست.
ـ نہ وڻندڙ سچ؟
اوير ڪان چندڊ نہ ٿو اُيري.
ـ نہ وڻندڙ آئيڊيل؟

جائو ئي ناهي.
— نہ وٽندڙ لفظ؟
چونڊ.
— نہ وٽندڙ سفر؟
شام/ ڪراڙپ.
— نہ وٽندڙ ڪاڏو؟
ٻُوٽ.
— نہ وٽندڙ مشروب؟
محبت.
— نہ وٽندڙ رسالو؟
شاهہ جو رسالو (پرچو ٿيون)
— نہ وٽندڙ اميد؟
چانڊڪا جا ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻيون وٽنديون آهن
پر اولاد ات نہ تو پڙهائي سگهان!
— نہ وٽندڙ پيغام؟
هٿيار وڪڻي،
امن خريد ڪيو.
— وٽندڙ آٽوگراف؟
منهنجو انتظار نہ ڪجانءِ
جو تہ
مان مري ويو آهيان.

—

— وٽندڙ زهر؟
چانڊوڪي.
— وٽندڙ دشمن؟
وقت.
— وٽندڙ مرض؟
دڪ.
— وٽندڙ ڏکُ؟
چُميءَ جو صليب !
— وٽندڙ گار ؟
زنده آباد .
— وٽندڙ دشمني ؟
اکين ۾ تي ويھ .
— وٽندڙ معذوري ؟

خاموشي .
— وٽندڙ ايڪسيڊنٽ ؟
زندگي .
— وٽندڙ جرم ؟
لبرل .
— وٽندڙ ڏڪ ؟
يادگيريون .
— وٽندڙ گولي ؟
عوام .
— وٽندڙ زلزلو ؟
روشني .
— وٽندڙ ضد ؟
آزادي .
— وٽندڙ نانگ ؟
اک .
— وٽندڙ هٿيار ؟
ذهن .
— وٽندڙ موت ؟
جوانيءَ وارو .

## مان اڪيون چپن سان پڙهندو آهيان!

هن ڪان رڙ نڪري وجي ٿي. هُو سامنهن وارو ويندڙ ۽ مان چا آهيان؟ ۽ هن جو پاڪيٽ، ان ۾ چا آهي؟ هي ايترا سارا نوٽ آواره گهتين ۾ ڪٽي هلڻ جو عادي ٿي ويو آهي! هو پنهنجي بک ٽاري نڪتو هوندو .... منهنجي بک ڪيڏانهن ويندي. مان ته ڏيءُ ڪندو آهيان، پوءِ بہ بک مون ڪان گوءِ ڪٽي وجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي.
اڪين واري خنجر سان وار .... ڪندو رهيو! انهن مان بچي ٿي ويو .... هو پنهنجي هٿ واري خنجر سان وارُ ڪرڻ چاهي پيو تہ پريان ڪنهن ماڻهوءَ ڪي ايندو ڏسي ورائي

پاڪيٽ ۾ رکي ڇڏيائين ..... هوشياري ۽ ڏاهپ سان اهڙن ٻن ٽن کان اڳتي نڪري ويو، هن وري ٻيهر هٽڻ جي ڪئي ته اڳيان آواز اٿي ٿو.

هي پوئتي هٽي بيٺو.

هُو اڳتي نڪري ويو.

يادون:

جيڪڏهن هي شڪار نڪري ويو ته اڄ ڪو به شڪار ڪامياب نه ڪري سگهندس.

جي ڪوئي ماڻهو ڏسي وٺي ها ته پوءِ مان ڇا ڪريان ها ..... ٻوڙو ٿي پوان ها! ڇا ٻوڙو چور نه ٿيندو آهي؟ .... ٿيندو آهي. پوءِ مان ڇا ٿيان ها؟ .... خبر ناهي .....

گهڻو ڪري پنهنجي ڊرامن ۾ انڌو ٿيندو آهيان پر مان ته ڏسندو آهيان. ڀلا مون ڪي ٻين ماڻهن جي اک ڏسي ٿي يا نه؟ اک ته ساڳئي پر شڪ ٿيندو آهي ته ماڻهو اکين سان ڪيئن ٿا ڏسن. سيني جي اکين اندر ڪارو گول دائرو هوندو آهي .... ڪارنهن مان ڪينءَ ٿا ڏسن. مون ڪي ته ڇڏي ڏيندا آهن.

هي ڪروڙ پتي نڪري ويو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ .... رات ٻي ڪٻي ... ڇو؟ متان ڪروڙ پتي به مون وانگر چور پتي نه هجي. ڏسڻ ۾ ته ٺيڪ ٺاڪ آ ... ڏسڻ ۾ ته ڪتا به سنا لڳندا آهن، ماڻهو ڪيئن نه سنا هوندا. چوريءَ جي لاءِ ڪو سنو پلاٽ سوچجي؟ مان اڃا تائين پنهنجو خنجر نه وٺي سگهيو آهيان، پلاٽ ڪيئن وٺندس!!

ٽڪڙو ٽڪڙو اچي آخري ڏڪ هٽڻ لاءِ سوچي ٿو ڇو ته ويجهو ڪوڙ ساترا دڪان آهن جتان ڪوئي ڏسي به سگهي ٿو. پر اوچتو گهٽيءَ جي موڙ مان هڪ نوجوان قسم جو ڪراڙو اچي وڃي ٿو.

هي ناڪام ـ

هو ڪامياب ـ

ڪروڙ پتي هوٽل ۾ هليو ويو ـ هُن ڏنو پئي.

هي به ساڳئي ٽيبل جي پرسان واري ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ ڪروڙ پتي اکيون اپيون ڪري، هٿ ملائي بيري کي چانهه جو چئي، پنهنجي چانهه سوري ٿو ڏيسِ:

گهڙي پل ڪان پوءِ.

’سائين مون کي سڃاڻو ٿا؟‘

ڪروڙ پتيءَ چانهه جي سپ پريندي چيس:

’مان اکيون ڇپن سان پڙهندو آهيان.‘

’سائين! موت توهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟‘

ڪروڙ پتيءَ مسڪرائيندي.

’جينءَ هر شيءِ جو ٽائيٽل اڳيان هوندو آهي، ۽ وري موت جو ٽائيٽل پويان هوندو آهي .... اکيون وڏيڪ بهتر آهن، هيري کان. خوشبوءِ سان پيار جي محلات جڙي نه ٿي سگهي. ۽ موت جو ٽائيٽل آرٽسٽ پاڻ ناهيندو آهي.‘

## خلف

بابا شيءِ وني ڏي
وني ڏني مانس ـ
اينءَ ئي وڏو پاڻس اچي وجي توسِ ـ
ان بہ انگل ڪيو.
چيومانس : هِن ڪي توري شيءِ ڏي .
نہ ڏيندومانس
توري ڏيسِ ـ
ابو .... نہ تہ مان ماريندو سانسِ ـ
ـ
عاجزيءَ مان
تون تہ پلو آهين نہ .
نہ مان ڪِنو آهيان .
ـ
شهپرن تي هٿ رکندي :
بابا ڪٿان وتا تي؟
مان چپ
شهر مان آندا تي!!
مان چپ
بابا عليءَ کي نہ ڏجانءِ .
پاءُ لاءِ چوي تو ـ
چيومانس : هن جا آهن ـ

پورو ٿيو

انٽرنيٽ ايڊيشن عباس ڪوريجو ويب
وڏيڪ ڪتابن لاءِ ڏسو
www.abbaskorejo.com